

# گانڌيءَ جو قتل

جسٽس جي ڊي کوسلا

خالد چانڊيو

# گانڌيءَ جو قتل

جسٽس جي.ڊي کوسلا

..........................................................................

خالد چانڊيو

موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


كتاب جو نالو : گانڌيءَ جو قتل

مصنف : جسٽس جي.ڊي کوسلا

سنڌيڪار : خالد چانڊيو

ڇاپو : پهريون 2001

ڪمپوزنگ : مقبول پنهور
يونيورسل ڪمپيوٽر ڪمپوزرس لاڙڪاڻو

ڇپائيندڙ : موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو.

قيمت =/35 روپيه

***GANDHI JO QATAL***
(Murder of Gandhi)
By: Justice G.D Khosla
*Translated by: Khalid Chandio*
Published by: Mohan Jo Daro Publishing
Agency P.O Box # 72 Larkano.

**ڪتاب ملڻ جو هنڌ**

ڪتاب سهڙ مارڪيٽ، الرحيم هوٽل جناح باغ روڊ لاڙڪاڻو.


www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

# ارپنا

ساٿ جي موسم،
جي،
نانءَ،
جا فقط جهٽ پل لاءِ،
ايندي آهي.
سچ پچ تہ ساٿ جي موسم،
فقط جهٽ پل لاءِ ايندي آهي
۽
سڄي عمر جون ساروڻيون،
ڏئي ويندي آهي.

**خالد چانڊيو**

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

# فهرست


- اداري پاران
- سنڌيڪار پاران
- مهاتما گانڌيءَ سان ملاقات 13
- جوابدارن جو تعارف ۽ اپيل جي ٻڌڻي 32
- سازش جا تفصيل ۽ گانڌيءَ جو قتل 53
- نٿورام گاڊسي جو بيان ۽ موت جي سزا تي عمل 79
- گانڌي تصويرن جي آئيني ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران:

اداري جي بهتري ۾ ڪجهہ رٿائون رٿيون هيون جنهن مان هڪ رٿا اها هئي تہ دنيا سطح تي جيڪي بہ پنهنجي نوعيت جا وڏا قتل ٿيا آهن، انهن تي ڪتاب تيار ڪيو وڃي. گهڻن ڪتابن جي مطالعي کان پوءِ گانڌي جي قتل جي سلسلي ۾ جڏهن ڌيان ڏنو ويو تہ اهو هڪ ننڍڙو ڪتابڙو ٿي پيو، تنهن ڪري فيصلو ڪيو ويو تہ گانڌي جي قتل تي الڳ ڪتاب ترتيب ڏنو وڃي، جيڪو انڊيا جي اڳوڻي چيف جسٽس، جسٽس جي.ڊي کوسلا جي ڪتاب "گانڌيءَ جو قتل ۽ ٻيا ڪيس" تان ورتو ويو آهي. ان سلسلي جو ٻيو پرهو ڪتاب "دنيا جا وڏا قتل" بہ جلد تيار ٿي مارڪيٽ ۾ اچي ويندو.

ترجمي لاءِ ادارو خالد چانڊيو صاحب جن جو ٿورائتو آهي جنهن وقت اندر ترجمو ڪري ڏنو.

مظهر ميمڻ
موهن جو دڙو
پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌيڪار پاران

"طاقت جي زور تي هر ماڻهو کي غلام بڻائي سگهجي ٿو." برطانوي وزير اعظم ۽ سياسي مفڪر "لائيڊ جارج" پنهنجو نظريو ڏنو. سندس انهيءَ نظريي پويان "گليڊ اسٽون" جي حڪمت عملي ۽ "بسمارڪ" جي سياست واري سوچ هئي. انوقت سموري دنيا يورپ جي چند سامراجي ملڪن جي ڪالوني هئي ۽ چوطرف گولين جون گونجارون هيون، غلامن جون آهون هيون. اهڙي دنيا ۾ هڪڙو آواز گونجيو، ڌرتي جي سيني مان دانهن نڪتي ۽ سڄي برصغير ۾ پکڙجي ويئي. سموري دنيا ڇرڪي اٿي، سيني جو خيال هيو ته هي ماڻهو بغاوت جي باهه ڀڙڪائيندو، قتل ۽ خون جي هولي کيڏي ويندي ۽ برطانوي راڄ سان هٿيارن جي ٻل تي ٽڪراءُ ٽيندو.

پر انهن نه ٿيو سيٺي اڄرج ۾ پئجي ويا، جڏهن هڪ سنهڙي اڌ اگهاڙي ۽ ڪمزور جسم، پر طاقتور ارادي واري انسان چيو ته **"مان هنسا نه پر اهنسا چاهيان ٿو، مان تشدد نه پر عدم تشدد چاهيان ٿو، اسان سِر جو جواب پٿر سان يا گوليءَ جو جواب گوليءَ سان نه ٿا ڏيڻ چاهيون رڳو غلامي جي زنجيرن کي ٽوڙڻ ٿا چاهيون."** پوءِ سڄو ننڍو کنڊ انهي آواز جي گونج ۾ گونجي ويو ۽ سيني کي ميٺو پيو ته بم ۽ بندوق کان وڌيڪ طاقتور قوت انسان جي اخلاقي قوت هوندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اوهان اسلحي جي زور تي ڪنهن کي ختم تہ ڪري سگهو ٿا پر پنهنجو نٿا ڪري سگهو. ليڪن اوهانجي اخلاقي طاقت دشمن کي بہ دوست بڻائي وجهندي آهي.

"اهو فلسفو ڪنهن عام انسان جو ڪو نہ هيو، پر اها سوچ انهيءَ مهان انسان جي آهي جنهن کي "مهاتما گانڌي" سڏيو ويندو آهي. جنهن جي شخصيت، حضرت محمد ﷺ گوتم ٻڌ، مهاتما مهاوير جين، حضرت عيسيٰ، ڪنفيوشس، مارٽن لوٿر ڪنگ ۽ ٻين ڪيترن ئي عظيم انسانن جو تسلسل آهي."

"مهاتما گانڌي" جڏهن هوش سنڀاليو تہ 1857ع جي ناڪام جنگ آزادي ڪانپوءِ مايوسي واري صورتحال هئي. برصغير جو عوام انگريزن جي انتقامي ڪارروائين جي نشاني تي هيو. سياسي طور تي برصغير جي قوت تہ ختم ٿي چڪي هئي، پر ان سان گڏ هتان جو سماجي، تهذيبي، تعليمي ۽ معاشي ڍانچو بہ درهم برهم ٿي رهيو هيو. سياست، سماج ۽ تهذيب جي ميدان ۾ نيون راهون اڀري رهيون هيون ۽ هر ماڻهو انهن تبديلين جي نشاني تي هيو.

موهن داس ولد ڪرم چند گانڌي اهڙين ئي حالتن ۾ 2- آڪٽوبر تي سن 1869ع ۾ ڪاٺيا واڙ جي شهر "پور بندر" ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ بار ايٽ لا ڪرڻ لاءِ لنڊن ويو جتان 10 جون 1891ع تي باريسٽري جو امتحان پاس ڪري وطن واپس وريو. اپريل 1893ع ۾ ڏکڻ آفريڪا ويو جتي نسل پرستي خلاف جدوجهد لاءِ "نٽال انڊين ڪانگريس" جو بنياد وڌائين، جيڪا اڳتي هلي، "آفريڪن نيشنل ڪانگريس" ٿي وئي. ڏکڻ آفريڪا ۾ قيام دوران اتي "ستيہ گرهہ تحريڪ" جو آغاز ڪيائين ۽ جيل پڻ ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مهاتما گانڌي" 1915ع ۾ وطن واپس آيو ۽ برصغير جي آزادي جي جدوجهد جي شروعات ڪيائين. جنهن جي پڄاڻي 1947ع ۾ برصغير جي آزادي تي ٿي.

"تاريخ ڪٿي ڪيترائي پاسا بدلائي، زمانو عروج ۽ زوال جا ڪيترائي قصا ٻڌائي، وقت جي هيٺ مٿانهين جا ڪيترائي داستان لکيا وڃن. مٿا سٽا ۽ ڦيرين گهيرين جو ڪڏهن به ختم نه ٿيندڙ سلسلو ڪٿي ڪيترو به وقت جاري رهي. هر شيءِ بدلجي ٿي ۽ بدلبي رهندي. پر سچائي جو اصول ۽ صداقت جو رستو جيڪو هميشه کان هيو، اهو سدائين باقي رهندو ۽ ان سچ جي سچ کي ڪڏهن به گرهڻ نه لڳندو."

".........۽ سڀ کان وڏو سچ اهو آهي ته انسان هڪٻئي جو احترام ڪن. اهوئي اصول عدم تشدد ۽ اهنسا کي جنم ڏئي ٿو. ان اصول منجهان ئي رواداري جا گل ڦٽن ٿا. انهيءَ گڏيل ۽ باهمي احترام سان امن جو دروازو کلي ٿو. اهائي اها سچائي آهي جنهن جو راز جيڪڏهن ڪو به انسان حاصل ڪري ويو ته انهيءَ کي سربلندي ۽ وڏائي ملي وئي."

"مهاتما گانڌي" جنهن کي ڪروڙين ماڻهن "باپو" جو يعني ابي جو لقب ڏنو، انهيءَ اصول لاءِ شهيد ٿي ويو. انهيءَ اصول جو هڪ گل عدم تشدد جي شڪل ۾ ڦٽو ۽ عدم تشدد جي گل مان سموري انسان ذات لاءِ پيار ۽ محبت جي خوشبو پکڙي.

"مهاتما گانڌي" هندوستان جي مخصوص "برهمو سماج" ۾ ڏتڙيل اڇوتن . شودرن جي حالت کان به واقف هيو، جن کي گهٽ ذات سمجهي ظلم ۽ ستم ڪيا ويندا هيا. انهن کي غلامي کان ڪڍڻ لاءِ ۽ سماجي درجي بندي ختم ڪرڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مهاتما گانڌي" آشرم قائم ڪيا ۽ انهن شودرن جو نالو "هريجن" يعني خدا جا ٻچڙا رکيو ۽ چيائين ته ڪنهن به انسان کي ڪنهن به ٻئي انسان کي گهٽ سمجهڻ جو حق نٿو پهچي.

"مهاتما گانڌي" کي يقين هيو ته جيڪڏهن اسان پنهنجي ذاتي ايمان ۽ روين ۾ توازن رکنداسين ته پوري دنيا سان ڀائيچاري جو ورتاءُ ڪري سگهنداسين. سنڌس انسانذات سان محبت ۽ اخلاقي روين جو روشن مثال سنڌس 1942ع ۾ انگريز حاڪمن ڏانهن لکيل خط ۾ ملي ٿو. جنهن ۾ ڀاڻ ڪئٽ انڊيا موومينٽ" کي پنهنجو اخلاقي فرض قرار ڏيندي لکي ٿو ته "جيئن ته برصغير ۾ توهان جو قبضو ۽ حڪومت غير اخلاقي آهن ۽ ان سان توهان انگريزن جي اخلاقيات تي ڪارنهن جو ٽڪو پڻ لڳي ٿو، ان لاءِ انگريزن جو دوست هجڻ سبب منهنجو اهو اخلاقي فرض ٿئي ٿو ته مان توهان کي اها صلاح ڏيان ته توهان پنهنجي اخلاقي ساک کي بچائڻ خاطر هندوستان مٿان پنهنجو مڙهيل قبضو ۽ غير اخلاقي حڪومت ڇڏي واپس هليا وڃو."

"مهاتما گانڌي" تاريخ جي انهن عظيم شخصيتن مان هيو جن جو پيغام سموري انسانيت لاءِ هيو، حضرت محمد ﷺ، گوتم ٻڌ، حضرت عيسيٰ، مهاتما مهاويرجين، ڪنفيوشس، مارٽن لوٿرڪنگ ۽ "مهاتما گانڌي" انهيءَ ساڳئي سلسلي جون ڪڙيون آهن. اهو سچ آهي ته "مهاتما گانڌي" هندوستان جي آزادي لاءِ جدوجهد جي اڳواڻي ڪئي. ليڪن اهو به سچ آهي ته سنڌس فڪر، سوچ ۽ نظرين جي بنياد تي ڪيترين ئي قومن ۽ ملڪن آزادي حاصل ڪئي جنهن ۾ سڀ کان وڏو مثال ڏکڻ آفريڪا جو آهي."

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

"مهاتما گانڌي" جيڪي اصول ڏنا آهن انهن جو بنياد محبت تي هيو نفرت تي نہ هيو. هو مذهبي ماڻهو هيو پر سندس مذهب روح جي پاڪائي ۽ انسانن جي ڀلائي وارو هيو. "مهاتما گانڌي" هڪ اهڙي سماج" جا خواب ڏٺا جنهن جو بنياد پيار ۽ محبت تي هجي. جتي صداقت جو سڪو هلندو هجي ۽ جتي عدم تشدد پنهنجي اخلاقي طاقت جي زور تي تشدد کي شڪست ڏئي سگهي. جنهن سماج ۾ فرقي پرستي نہ هجي ۽ اهڙو هندوستان ئي سندس خوابن جو هندوستان هيو. جيتوڻيڪ اهڙي نظام کي ياڻ "رام راڄ" سڏيندو هيو، پر انهيءَ "رام راڄ" مان سندس مطلب هندن جي بالادستي واري حڪومت نہ هيو.

"مشهور سائنسدان "البرٽ آئنسٽائن" "مهاتما گانڌي" جي باري ۾ لکيو آهي تہ "ايندڙ نسل مشڪل سان ئي انهيءَ ڳالهہ تي يقين ڪندو تہ "مهاتما گانڌي" جهڙو سڪل، نبل ۽ ڪمزور انسان ڪڏهن هن سرزمين تي پيدا ٿيو هوندو ۽ ان اهڙي پرعزم جدوجهد بہ هلائي هوندي."

1947ع ۾ ورهاڱي جي فارمولي موجب ملڪيتن ۽ نائي جي ورهاست ۾ پاڪستان جا 55 ڪروڙ روپيا هندوستان کي ادا ڪرڻا هيا، پر هندوستان جي حڪومت ڏوڪڙ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. "سردار ولڀ ڀائي پٽيل" جيڪو هندوستان جو پهريون وزير داخلہ هيو. انهيءَ 12 جنوري 1948ع تي هڪڙو بيان جاري ڪري پئسن جي ادائگي کان ڪليل انڪار ڪيو ۽ چيو تہ جيڪڏهن اسان پئسا ڏينداسين تہ پاڪستان انهن پئسن جا هٿيار وٺي ڪشمير ۾ اسان جي خلاف استعمال ڪندو.

اهڙي واعدي خلافي تي ڏک ۽ احتجاج وچان "مهاتما

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گانڌي" (برت) بک هڙتال تي ويهجي ويو. نيٺ مجبور ٿي ٽن ڏينهن کان پوءِ هندوستاني حڪومت "رزرو بينڪ آف انڊيا" کي پاڪستان جون سموريون بقاياڻون ادا ڪرڻ لاءِ حڪم جاري ڪيو ۽ انهيءَ ڏينهن "مهاتما گانڌي" پنهنجي بک هڙتال ختم ڪري ڇڏي.

"مهاتما گانڌي" جي انهيءَ قدم فرقي پرستن جي اندر کي باهہ لڳائي ڇڏي ۽ هندو مهاسڀا سنڌس خلاف سرگرم ٿي وئي. اڳواٽ تيار ڪيل سازش موجب ڪيس 30 جنوري تي هڪ برهمڻ نٿورام گاڊسي" جيڪو پوني شهر جي "هندو مها سڀا" جو سيڪريٽري هيو ۽ "نارائڻ آپٽي" جيڪو پڻ هڪ فرقي پرست ۽ "مهاتما گانڌي" جي ڀائيچاري واري سياست جو ڪٽر مخالف هيو. "مهاتما گانڌي" جي دهلي واري رهائشگاهہ "برلا هائوس" تي صبح جو سوير اجتماعي دعا (پرارٿنا سڀا) لاءِ ايندي ڪيس سيني ۽ پيٽ ۾ ٽي گوليون هڻي شهيد ڪري ڇڏيو.

"مهاتما گانڌي" جي جدوجهد انتهائي حيرت انگيز آهي. هن استحصال جو شڪار انسان ذات کي غلاميءَ کانئجات ڏياري آزادي جو پيغام ڏنو. هن صدين کان ستل هندوستان جي رهاڪن کي جهنجهوڙي بيدار ڪيو.

"مهاتما گانڌي" برصغير ۾ ڇانيل مانار کي ٽوڙي ڌرتي جي ڌانهن کي عوام جو آواز بڻايو. هن ظلم جي گهاٽي ۾ پيڙجندڙ برصغير جي عوام کي ظالم ۽ جابر برطانوي حڪومت جي مقابلي ۾ لاٿو ۽ آزادي جي جدوجهد ۾ انهن جي فعال ۽ سرگرم شرڪت کي يقيني بڻايو ۽ پوءِ ٿيو بہ ائين تہ هندوستان پنهنجي صدين جي غلامي جون سنگهرون ٽوڙي ڇڏيون ۽ آزادي جو سج پنهنجي سونهري ڪرڻن سان برصغير جي افق تي اڀريو."

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

اهو سمورو جدوجهد وارو عمل، ”مهاتما گانڌي“ جي بڌايل اصولن ۾ عدم تشدد يعني اهنسا جي معرفت ٿيو. برصغير جي آزادي لاءِ ڪيل جدوجهد وسيلي عدم تشدد جو اهو پيغام ۽ اصول سڄي دنيا جي مظلوم ۽ محڪوم قومن لاءِ پڻ روشن راهه بڻيو.

هي ڪتاب ”جسٽس گوپال داس کوسلا“ جي لکيل ڪتاب ”مهاتما جي قتل ۽ ڪجهه ٻين ڪيسن بابت جج جون يادگيرون“ جي هڪ حصي جو ترجمو آهي. جيڪو ”مهاتما گانڌي“ جي قتل ڪيس تي مشتمل آهي.

جسٽس جي-ڊي-کوسلا، اولهه پنجاب ۾ پيدا ٿيو. جتي قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مئجسٽريٽ ۽ سول جج، کان پوءِ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج جا عهدا حاصل ڪيائين، بعد ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ جو جج پڻ مقرر ٿيو.

ورهاڱي کان پوءِ رضاڪاراڻي طور تي هندوستان هليو ويو. جتي اوير پنجاب هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو جتان پوءِ چيف جسٽس ٿي رٽائر ٿيو. جسٽس جي - جي کوسلا، ”مهاتما گانڌي“ جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ڪندڙ ججن ۾ پڻ شامل رهيو.

جسٽس جي-ڊي کوسلا جي هيءَ لکت سندس مشاهدن تي ٻڌل آهي جنهن ۾ هن تاريخ جي هڪ عظيم انسان جي قتل بابت ڏوهارين جو موقف ۽ سازش جا تفصيل چٽي ريت ٻڌايا آهن. جيڪي سنڌي ٻولي جي پڙهندڙن اڳيان پهريون دفعو پيش ڪيا پيا وڃن.

اميد ته پڙهندڙن کي منهنجو هي پورهيو پسند ايندو. •

**خالد چانڊيو**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 1

## ”مهاتما گانڌي سان ملاقات“

هندوستان سرڪار 1947 جي پڇاڙيءَ ۾ مون کي هڪ اهڙو مامرو نبيرڻ لاءِ مقرر ڪيو جيڪو ڏسڻ ۾ ته انتهائي سولو پئي لڳو پر پوءِ اڳتي هلي نهايت منجهيل ۽ ڏکيو نڪتو.

ايترو ضرور ٿيو جو انهيءَ فرض نڀائڻ جي دوران مونکي ”مهاتما گانڌي“ سان ملڻ ۽ گهڻو وقت گفتگو ڪرڻ جو موقعو ملي ويو.

پاڪستان جي تخليق ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيڻ واري هندوستان جي ورهاڱي، وڏي پيماني تي آبادي جي غير فطري لڏ پلاڻ کي اٿتر ڪري ڇڏيو هيو. هڪ ئي رات ۾ لکين هندن ۽ سکن لاءِ سندن اباڻو ملڪ ڌاريو بڻجي چڪو هيو ۽ اهي پنهنجا ڪک ڇڏڻ تي مجبور ٿي چڪا هئا. لکين انسان غير منظم ۽ وڪريل هجومن جي صورت ۾ پنهنجا پڪڙا ڇڏي نڪري پيا.

انهن هنگامي حالتن ۾ جنهن کي جيڪا سواري هٿ آئي، ان کي استعمال ڪندي يا وري پنڌ ئي پنڌ. انهن وڏي تيزي سان سرحد ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. سرحد کي پار ڪندي سندن وڪريل هجوم هندوستان جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ داخل ٿيڻ شروع ٿي ويا. سندن سڀ کان پهريون مسئلو ڪٿي به پاڻ لڪائڻ لاءِ جاءِ حاصل ڪرڻ هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪل انهن وانگر هندوستان جا مسلمان وري پنهنجي پنهنجي جڳهن تي خوف ۽ هراس جو شڪار هئا ۽ اهي به پاڪستان ڏانهن روانا ٿيڻ لڳا. جيڪي گهر انهن مسلمانن خالي ڪيا هئا، پناهه گيرن اچڻ شرط ئي انهن تي هلائون ۽ جلهون ڪري قبضا ڪرڻ شروع ڪيا. پناهه گيرن جو ايڏو وڏو حملو ۽ مٿان وري انهن جي سخت ڪاوڙ ۽ غضب، اهي سيڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هئا. انهن حالتن ۾ اهو ناممڪن هيو ته انهيءَ چارئي پاسا ڦهليل افراتفري کي روڪي سگهجي يا ڪا رٿا نافذ ڪرڻ لاءِ ڪو قاعدو يا قانون ٺاهي سگهجي. غنڊا جيڪي اڪثر پناهگير به نه هئا، پنهنجي پاڻهن جي پل ۾ سؤ سيڪڙو ڏانڌلي سان عاليشان ۽ ڪشادين عمارتن تي قبضو ڪري رهيا هئا ۽ انهيءَ افراتفري جي صورتحال ۾ جنهن کي جيڪو ڪجهه هٿ اچي رهيو هيو، اهو بنا دير جي جهٽپ ڏئي ان تي قبضو ڪري رهيو هو. جڏهن ته مٿين طبقي جا اهي اشراف ماڻهو جن کي قاعدي قانون جو احترام هيو، اهي بي گهر رهجي پئي ويا.

اهڙن مثالن جي به کوٽ نه هئي ته مسلمان پنهنجي گهرن ۾ ويٺا اجان اهوئي سوچي رهيا هئا ته چا لڏي وڃون!!؟ ته اوچتو پناهگيرن حملو ڪري سندن گهرن تي قبضو ڪري پئي ورتو.

انهن مسلمانن مان ڪيترائي ماڻهو وڳوڙن ختم ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي گهرن ۾ رهڻ جي آسري تي، ان اميد ۾ هئا ته چند ڏينهن ڪانپوءِ وڳوڙ ۽ فساد ختم ٿي ويندا. اها اهڙي صورتحال هئي جنهن کي "حڪومت هند" قبول پئي ڪيو. چاڪاڻ ته "وزيراعظم مسٽر جواهر لال نهرو" غير مشروط طور تي اهو اعلان ڪري چڪو هيو ته ڀارت هڪ "سيڪيولر رياست" هوندو ۽ اهي مسلمان جيڪي ان ۾ رهڻ پسند ڪندا ته کين مڪمل بچاءُ فراهم ڪيو ويندو ۽ سندن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهريت جا حق محفوظ رهندا.

دهلي ۾ مسلمانن جو هڪ وڏو تعداد آباد هيو. اتي حالتون گهڻو وڌيڪ منجهي ويون. ان لاءِ ته پناهگيرن جو جيڪو طوفان هندوستان جي گادي واري هنڌ دهلي تي ڪاهي پيو، اهو هندوستان جي ٻئي ڪنهن به شهر ۾ ڏسڻ ۾ نه آيو.

هڪ مرحلي تي اٿين ڏسڻ ۾ پئي آيو ته اولهه پنجاب کان ايندڙ هر پناهگير، چا ڊاڪٽر، چا انجنيئر، وڪيل، واپاري، دوڪاندار، گهورڙيو، دستڪار، هاري ۽ مزدور اهائي شديد خواهش ۽ ڪنٽرول ۾ نه ايندڙ جذبو رکي ٿو ته هو دهلي ۾ پهچي ۽ اتي ئي آباد ٿئي ۽ ان ئي پراڻي صدا تي ته "هلو هلو دهلي هلو" موجب هو دهلي پهچي چڪا هئا ۽ وطن پرست قوتن جي چوڌاري گڏ ٿي رهيا هئا. پر دهلي ۾ ايترا خالي گهر نه هئا جيڪي انهن سڀني جي گهرجن کي پورو ڪري سگهن.

هندوستان جي حڪومت انڊين سول سروس جي هڪ سينئر ميمبر کي لڏپلاڻ ڪري ويلن جي ملڪيتن جو ڪسٽوڊين مقرر ڪيو. جنهن جو فرض اهو هيو ته هو لڏي ويل مسلمانن جي ملڪيتن جي نگراني ڪندي قانون مطابق انهن جو انتظام ڪري، پر اٿين چئي ڇڏڻ آسان، مگر ان کي عملي صورت ڏيڻ نهايت مشڪل هيو.

ايڏن شديد اهم ۽ منجهيل مسئلن جي حل لاءِ وسيع اختيار، موجود ذريعن تي ڪنٽرول، ذاهپ ۽ انتظامي معاملن جو تجربو گهربل هيو. سڀني کان وڌيڪ اهو ته اهڙن آفيسرن لاءِ اول ته اهي ڳالهيون ضروري هيون پيو ته ڪين پنجابين بابت هر قسم جي معلومات هجي ۽ ان سان گڏ انهن جي نفسيات جي ڄاڻ پڻ هجي.

پر سرڪار جنهن آفيسر کي ڪسٽوڊين مقرر ڪيو، اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجابين جي نفسيات کي سمجهڻ ۽ سندن عادتن جو علم رکڻ جي صلاحيتن کان خالي هيو ۽ جلد ئي ان جي خلاف بدعنوانين جون ڀرپور شڪايتون پڻ شروع ٿي ويون.

اهو معاملو پارليامينٽ ۾ کنيو ويو ۽ ان جي فوري جاچ لاءِ هاءِ ڪورٽ جي هڪ جج جي مقرري جو حڪم ڏنو ويو، جنهن جو ڪٿو منهنجي نالي نڪتو.

مون دهلي ۾ "منسٽري آف رليف اينڊ ري هيبليٽيشن" جي سيڪريٽري سان ملاقات ڪئي ۽ ڪانٽس پنهنجي ڪم جي دائري ۽ تحقيقات جي وقت ٽيندڙ سوالن جي نوعيت دريافت ڪئي. مون کي ٻڌايو ويو ته منهنجي عمل جو دائرو نهايت وڏو آهي، ايترو ئي وڏو جيترو آئون خواهش ڪري سگهان ٿو. اهو هڪ غير معقول ۽ غلط حڪم هيو.

سرڪار جي شايع ڪيل ڪنهن اعلان جي غير موجودگي ۾ ان حڪم جي قانوني حيثيت نه هئڻ برابر هئي ۽ انهيءَ هيٺ ڪيل هر ڪم خطري کان خالي نه هئو. ان حڪم جي درست هجڻ ۾ پڻ هڪ قانوندان هجڻ جي ناتي مون کي شڪ هئو.

مون اهڙي صورتحال ۾ لاڳاپيل وزير سان ملڻ ضروري سمجهيو. وزير مون کي يقين ڏياريو ته سندس سيڪريٽري، سندس ئي حڪمن موجب مونسان ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي. وزير صاحب اها به وضاحت ڪئي ته ان باري ۾ مون کي پنهنجي عمل جو دائرو محدود ڪرڻ جي ضرورت نه آهي مون کي پنهنجي ڪم ۾ مڪمل آزادي آهي. ٻيو اهو ته حڪومت کي مونتي مڪمل اعتماد آهي.

جيئن مان ڪانٽس موڪلائي اٿڻ لڳس ته هن جڻ ٻيو بم گولو هٽي ڪڍيو، چيائين ته ڪسٽوڊين موڪل تي وڃي رهيو آهي سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاءِ نشين جي مقرري ۾ ڪجهه وقت لڳندو، ان ڪري هاڻي تون ئي انهيءَ ڪاتي جو انچارج آهين.

اهو حڪم منهنجي لاءِ انتهائي پريشان ڪندڙ هيو. ڇالاءِ جو مونکي ته انڪوائري ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو هيو ۽ هاڻي اهو ئي چيو ويو ته ان اداري جو ڪم مان پاڻ سنڀالي وٺان. پر ملڪ جي مخصوص صورتحال سبب اهو وقت هينئن هونئن ڪرڻ جو نه هيو.

انهيءَ ذميواري کڻڻ کان پاسو ڪرڻ، انهن حالتن ۾ هڪ بيوقوفي سمجهي وڃي ها. جيتوڻيڪ اها ذميواري منهنجي مٿان غير رسمي انداز ۾ مڙهي پئي وئي، پر پوءِ به مون ان کي قبول ڪري ورتو.

مون وٽ ڪم تمام گهڻو هيو. مان چئني پاسن کان بي پناهه مسئلن جي گهيري ۾ هيس. منهنجي بيوسي جو اهو حال هيو، جو مون کي "ڪسٽوڊين" خلاف بيان ڪيل بدعنوانين جي جاچ لاءِ مشڪل سان وقت پئي مليو.

پناهگيرن جو مزاج ڏسندي ۽ اچڻ وارين مصيبتن جو اندازو ڪندي هزارين مسلمان نه چاهيندي به پنهنجا گهر ڇڏي انهن ڪيمپن ڏانهن وڃڻ لڳا، جيڪي دهلي کان ڪجهه فاصلي تي سرڪار پاران سندن لاءِ عارضي پناهگاهن طور قائم ڪيون ويون هيون.

اڪثر ائين پئي ٿيو ته مسلمان گهر ۾ ڪنهن هڪڙي پوڙهي ياتي کي ڇڏي باقي سيئي ڪيمپن ۾ رهندا هئا ته جيئن گهر تي قبضو به برقرار هجي. اهو ڄاڻڻ به مشڪل هيو ته گهر واپس موٽڻ جو فيصلو ڪهڙو گهر ياتي ڪندو. پيو اهو ته مسلمان گهراڻن جي فردن مان ڪنهن ڪنهن کي پاڪستان وڃڻ واري پهرئين قافلي ۾ شامل ڪيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندڙ چند هفتا منهنجي لاءِ هڪ خوفناڪ خواب وانگر هئا. جڏهن مان مسلمانن جي پاڙن ۾ ويندو هيس ته جيئن تازي صورتحال جو جائزو وٺان ۽ خالي گهرن جي لسٽ جيڪا عملي پاران جوڙي وئي آهي ان جي جاچ پڙتال ڪريان ته بي گهر پناهه گير واويلا ڪندا منهنجو گهيرو ڪري وٺندا هئا ۽ چوندا هئا ته ڪين مسلمانن جي ڇڏيل گهرن جي اندر وڃڻ ۽ قبضو ڪرڻ ڏنو وڃي.

هو چوندا هئا ته: ”ڇا اهو مناسب آهي ته هتي اسان ڪي مسلمانن جي گهرن تي قبضي ڪرڻ کان روڪيو پيو وڃي جڏهن ته اسان کي گهرن مان چونڊي چونڊي ماريو ويو آهي. مسلمانن اسان جي ملڪيتن تي قبضو ڪري ورتو آهي. هاڻي جڏهن مسلمانن جا ڇڏيل گهر خالي پيا آهن ته اسان پناهه گيرن کي گهٽين ۾ رلڻ لاءِ ڇو مجبور ڪيو پيو وڃي؟“

پوءِ هو چوندا هئا ته:

”ڇا توهان کي ان ڳالهه جو پتو ڪونهي ته مسلمان هاڻي ڪڏهن به نه موٽي ايندا؟“

اها ڳالهه سولي نه آهي ته جڏهن انتهائي فتني ۽ وڳوڙ جي ماحول ۾ اهڙي قسم جا مطالبا سامهون هجن ته تذائپ ۽ بردباري وارو رويو اختيار ڪري سگهجي ۽ گڏوگڏ انسان مڪمل اڌريو رهي ۽ انصاف پڻ ڪري سگهي.

ان سبب منهنجي دل ۾ ڪجهه شڪن ۽ گمانن جاءِ والارڻ شروع ڪئي ته انهن مخصوص حالتن جي موجودگي ۾ منهنجي لاءِ ڪهڙو رويو مناسب رهندو.

ڇا مان اهو نه ڏسي رهيو هئس ته پناهه گير سخت تڏ جو شڪار تي رهيا آهن. ۽ اتر هندوستان جون رت ڄمائيندڙ راتيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرن کان سواءِ ڪاٺي رهيا آهن؟ مسلمان سالن کان وٺي رڙيون ڪري پاڪستان جو نعرو هڻندا آيا هئا ۽ انهن پاڪستان جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي وڳوڙ ڪيا هئا. جيڪڏهن اهي پنهنجي خواهش ڪيل وطن ۾ وڃڻ نٿا چاهين ته ڇا انهن کي زوري موڪليو وڃي؟

جيستائين منهنجي پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جو لاڳاپو آهي اهي پڻ ڪيترين ئي تڪليفن جو شڪار آهن. ڇا مون ۾ ڪي به جذبا، ڪا همدردي ڪا سوچ سمجهه ۽ انصاف موجود نه آهي؟ مان پاڻ هڪ پنجابي آهيان اهي پنجابي آفيسر مان سٺي سلوڪ جي اميد رکن ٿا ۽ سندن سموري منطق ۽ دليلن جو زور اچي ان ڳالهه تي پورو ٿيندو هيو ته مان ساڻن همدردي جو سلوڪ ڪريان.

مان پنهنجي آفيس ۾ روزانو سوين ماڻهن سان ملندو هيس. انهن مان ڪيترائي منهنجي ڄاڻ سڃاڻ وارا هوندا هئا. جن ۾ منهنجا پنهنجا مائٽ، درست ۽ سڃاڻو به هوندا هيا. ڪجهه اهڙا ماڻهو به آيا پئي جن جي نالن کان مان واقف هيس. ڊاڪٽر، سرجن، وڪيل، انجنيئر، ايڪسري اسپيشلسٽ، لاهور جو هڪ مشهور ڪيٽرر، فيشن ايبل لباس ٺاهڻ وارو هڪ درزي ۽ ڪيترائي سرڪاري رٽائر عهديدار آيا. اهي وڏ کان وڏ مون ۾ ڪهڙي اميد پئي رکي سگهيا؟ رڳو هڪڙو گهر يا ان جو ڪو حصو، ڪو ڪمرو، ڪا خالي گيراج يا ڪوئي شيڊ جنهن ۾ هو پنهنجا ٻار رهائي سگهن ۽ ڪو ڏنڏو ڪري سگهن.

”ڇا مونکي ٻي گهر پناهگيرن کي مسلمانن جي خالي گهرن ۾ گهڙي وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏڻ گهرجي؟ ڇا مونکي مسلمانن کي ان نموني هندوستان مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي، جهڙي نموني هندو ۽ سک پاڪستان مان ڪڍيا ويا هئا؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ مان انهن ماڻهن کي ڪهڙو جواب ڏيان، جيڪي روزانو منهنجي مٿان چڙهي ويهندا هيا ۽ چوندا هئا تہ اهو سڀ ڪجهہ سندن جائز حق آهي.

مون پنهنجي انهن پريشانين ۾ "مهاتما گانڌي" سان مشورو ڪرڻ مناسب سمجهيو. هو انهن ڏينهن ۾ دهلي جي "برلا هائوس" ۾ ترسيل هيو جيڪو "البوڪرڪ روڊ" تي آهي، هاڻ ان سڙڪ کي "30 جنوري مرگ" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اتي "مهاتما گانڌي" کي 30 جنوري تي قتل ڪيو ويو هيو. انهن ڏينهن ۾ روزانو "برلا هائوس" تي پرارٿنا (دعا) جون مجلسون ڪيون ويندڙيون هيون.

مون مهاتما گانڌي جي سيڪريٽري کي فون ڪئي. مهاتما گانڌي نهايت رڌل رهندو هيو. جڏهن مون فون ڪئي تہ انوقت بہ مهاتما گانڌي ايندڙ ڪيترن ئي ڏينهن جي لاءِ دوستن ۽ ساٿين سان ملاقاتن جي منظوري ڏئي چڪو هيو. جن ۾ مختلف سياستدانن سان ملاقاتون ۽ مذاڪرات پڻ شامل هئا.

بهرحال مونکي پئي ڏينهن يارنهين بجي جو ٽائيم ڏنو ويو. ملاقات جو وقت طئي ٿيندي ئي مونتي هڪ عجيب قسم جو خوف چڙهي ويو. منهنجي انهيءَ خوف جو حقيقي اندازو اهي ماڻهو لڳائي سگهن ٿا، جن کي مهاتما گانڌي جي رتبي، منفرد حيثيت ۽ انهيءَ مٿانهين مقام جو علم هوندو، جيڪو هندوستان جي سيني سياسي، سماجي ۽ معاشي سرگرمين ۾ کيس حاصل هيو.

مون کي ٻڌايو ويو هو تہ "رشي مني" (بزرگ / اولياءُ) ماڻهن وانگر سندس چهري جي چوڌاري هڪ نوراني ليڪو آهي ۽ وٽس هڪ سحر/جادو/ڪشش آهي جنهن ڪري هو پاڻ سان مخاطب کي توجهہ/



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيان جي عمل وسيلي ڪنٽرول ۾ ڪري ولندو آهي ۽ اڻ ڳاڻ سست مخلوق مٿس فدا ۽ فنا ٿين لاءِ هر وقت تيار رهندي آهي. ماڻهو مهاتما جي حڪمن ۽ هدايتن جا منتظر هوندا آهن، تہ هو ڪجهہ فرمائي ۽ اسان تعميل ڪريون.

اهو بہ باور ڪيو ٿو وڃي تہ هندوستان جو وائسراءِ "لارڊارون" جنهن 1931ع ۾ "گانڌي ارون پيڪٽ" جي منظوري ڏني هئي ان تي بہ ان قسم جو اثر ٿيو هيو. اها ڳالهہ پڻ مشهور هئي تہ پهرين صف جا برطانوي سياستدان ۽ حڪومتي عملدار بہ ساڻس ملڻ لاءِ ان ڪري راضي نہ ٿيندا هئا تہ متان اسان بہ سندس اثر ۾ اچي پنهنجي اصولن/مفادن جو سودو ڪري ويهون.

رڳو ڪجهہ ڏينهن اڳ سڄي دنيا سندس طاقت جو مظاهرو ڏسي چڪي هئي. پاڪستان جا 55 ڪروڙ روپيا هندوستان ڏانهن رهيا هئا. پر هندوستان جي حڪومت اها رقم ڏيڻ کان انڪاري هئي. ڇاڪاڻ تہ ان کي خطرو هيو تہ پاڪستان انهيءَ رقم جا هٿيار وٺي انهن هٿيارن کي ڪشمير ۾ اسان جي خلاف استعمال ڪندو، جتي ان وقت جنگ هلي رهي هئي.

هندوستان جي وزير داخلا "سردار ولڀ ڀائي پٽيل" 12 جنوري 1948ع تي ان سلسلي ۾ ڏوڪڙ ادا ڪرڻ کان انڪار وارو هڪ بيان ڏنو. اها ڳالهہ سيئي ڄاڻن پيا تہ "مهاتما گانڌي" ڪنهن بہ اهڙي فيصلي جي سخت خلاف آهي جنهن مان اسان جي طرفان ڪنهن وعدي خلافي يا معاهدي کان ڦرڻ جي بوءِ اچي.

جنهن ڏينهن "سردار ولڀ ڀائي پٽيل" ڏوڪڙن ڏيڻ کان انڪار وارو بيان ڏنو، ان ڏينهن آل انڊيا ريڊيو تان اعلان ڪيو ويو تہ "مهاتما گانڌي"، دهلي جي هندو ۽ مسلمان رهاڪن وچ ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پائيچارو برقرار رکڻ ۽ لاڳاپن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ برت (بک هڙتال) رکيو آهي.

"اصل ۾ "مهاتما گانڌي" جو برت هندوستان جي حڪومت جي باقيداري خلاف احتجاج هيو. برت رکڻ جي ٽن ڏينهن کان پوءِ حڪومت هند کي اعلان ڪرڻو پيو ته هندوستان ۽ پاڪستان وچ ۾ ڪيل مالي ٺاهه تي سواءِ ڪنهن دير جي عمل ڪيو ويندو ۽ رزرو بينڪ آف انڊيا کي ان سلسلي ۾ حڪم جاري ڪيا ويا آهن ته اها پاڪستان کي سندس حصي جي سموري رهيل رقم ادا ڪري ڇڏي. ان ٿي ڏينهن مهاتما گانڌي پنهنجو برت ٽوڙي ڇڏيو."

قومي پريس اهي ٻئي خبرون هيڊنگن سان شايع ڪيون ته هندوستان جي حڪومت "مهاتما گانڌي" جي دٻاءَ تي نيٺ پاڪستان اڳيان گوڏا کوڙي ڇڏيا. پاڪستاني اڳواڻ تمام گهڻو خوش ٿيا. جيتوڻيڪ هندوستان ۾ "مهاتما گانڌي" خلاف اعلانيه ڪجهه به نه چيو ويو، پر رقم ادا ڪرڻ جو جيڪو واقعو ٿيو، ان بابت اندر ئي اندر سندس خلاف ڏک ۽ نفرت جي لهر پيدا ٿي وئي.

مان جڏهن انهن واقعن کي پنهنجي ذهن ۾ رکي هر رخ کان غور ڪندو هيس ته مون کي عجب ٿيندو هيو ته ڇا مان پنهنجو مسئلو مهاتما جي اڳيان رکي انجي مختلف پاسن تي روشني وجهي سگهندس؟

سورنهن مهينن کانپوءِ اهي ٿي واقعا "شملي" ۾ اسان جي عدالت جي خاموش ۽ مانيٽي فضا ۾ ٻيهر منهنجي سامهون پيش ڪيا ويا. اسان کي ٻڌايو ويو ته انهيءَ واقعي ماڻهن جي دل ۽ دماغ تي جيڪو زبردست اثر ڇڏيو هيو، ان هڪ انتهائي وحشياڻي ذوهه کي جنم ڏنو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر مان مهاتما گانڌي سان ٽيڻ واري ملاقات جو ذڪر ڪري رهيو آهيان. اها جنوري 1948ع جي پوين ڏينهن جي ڳالهه آهي. مونکي شديد احساس هيو تہ مهاتما ڪان ملاقات جو وقت وٺي مون پنهنجو پاڻ کي آزمائش ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

پر ملاقات جو وقت مقرر ٿي چڪو هيو ۽ ان ڪان پوءِ ٿي هٽڻ جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. انڪان سواءِ منهنجي دل ۾ هڪ عظيم انسان سان ملڻ جي جائز خواهش ۽ حيران ڪندڙ اتساهہ بہ هيو. "اهو انسان جنهن هندوستان جي سياسي آزادي جي لاءِ هندوستان جي ٻين سيني ماڻهن جي مجموعي جدوجهد ڪان بہ وڌيڪ زور لڳايو هيو ۽ ان مقصد لاءِ قرباني متان قرباني ڏني هئي."

مان ايندڙ صبح جو مقرر وقت ڪان بہ ڪهٽو اڳ ۾ گاڏي تي چڙهي برلا هائوس پهتس. ورانڊي ۾ ويٽل آفيسر ڪان مون پڇيو تہ مونکي مهاتما سان انگريزي ۾ ڳالهائڻ گهرجي يا هندي ۾. آفيسر وراڻيو تہ رڳو هندي ۾. اهو سندس فوري ۽ قطعي جواب هيو. جيتوڻيڪ مونکي انگريزي ۾ ڳالهائڻ وڌيڪ سولو پئي لڳو پر نہ چاهيندي بہ مون سندس مشورو قبول ڪري ورتو ۽ مون پنهنجي ذهن ۾ هندي جا اهڙا جملا ٺاهڻ ۽ سوچڻ شروع ڪري ڏنا. جيڪي حقيقي مفهوم ۽ مطلب ادا ڪري سگهن.

ڪجهہ گهڙين ڪان پوءِ مون جملن ٺاهڻ جي ڪوشش ڇڏي ڏني ۽ سوچيم تہ مڙئي ڪم ڪڍي وجبو. مون ٻڌو هيو تہ "مهاتما گانڌي" پنهنجو پاڻ کي مهاتما جي لفظ سان مخاطب ڪيو وڃڻ پسند نہ ڪندو آهي ان لاءِ مون ساڳئي آفيسر ڪان پڇيو تہ سائس مخاطب ڪيئن ٿجي. هن وراڻيو تہ "باپو" اهڙو جواب ڏيڻ مهل سندس لهجي ۾ طنز هيو. شايد هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج جي اهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇاڻائي سنڌس گمان ۾ نہ هئي.

مون پنهنجو بوٽ لاٿو ۽ ضرورت / موقعي مطابق پنهنجو پاڻ کي ملاقات جي لاء تيار ڪرڻ شروع ڪيو. پوري يارهين وڳي مونکي گهرايو ويو. مان جلدي سان ان ڪمري ۾ داخل ٿيس جتي "مهاتما گانڌي" زمين تي پٿريل غاليچي تي ويٺو هيو.

هنڪي آڏاڻي تي هٿ سان ڪتيل کاڌي جي ڪپڙي جي لنگوٽي پاتل هئي ۽ پٺيء اگهاڙو هيو. سنڌس بت سنهڙو هيو پر هو ڪمزور ۽ نبل هرگز نہ هيو. سنڌس جسم ۽ چمڙي مان جوت بکي رهي هئي. اصل ۾ سنڌس مضبوط رڳون ۽ مشڪون سنڌس عضون تي مضبوطيء سان مڙهيل هيون، جن سنڌس جسم کي طاقت ۽ اطمينان بخشي ڇڏيو هيو. سنڌس چهرو گهنجن کان پاڪ هيو، البت ڪلڻ مهل گهنجن جو هلڪو نشان پئي اڀريو.

بجلي جو هڪ معياري بلب سنڌس پويان پٽ تي لڳل هيو جنهن جي صاف روشني چوڌاري ڦهليل هئي. اها روشني سنڌس مٿي جي گنج ۽ ننڍڙن ڪلهن جي گهنجن کي پڌرو ڪري رهي هئي.

جيئن ئي مان سنڌس ڪمري ۾ داخل ٿيس تہ هن اهو ڪاغذ هيٺ رکيو جنهن تي پاڻ ڪجهہ لکيائين ٿي ۽ معمول موجب هٿ ٻڌي منهنجو آڌر ڀاء ڪيائين.

مان سنڌس پرسان ويهي رهيس ۽ پنهنجي فرض ۾ مونکي جن مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو ٿي پيو، اهي سنڌس سامهون بيان ڪرڻ شروع ڪيم. منهنجو داستان ڏکهو هيو ۽ "باپو" ڪنهن بہ مداخلت کان سواء ڌيان سان ٻڌي رهيو هو.

"جڏهن مان ڳالهائي رهيو هيس تہ منهنجي اندر هڪ قسم جي خود اعتمادي پيدا ٿيڻ شروع ٿي وئي ۽ مونکي احساس ٿيندو ويو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ۾ ڪا پراسرار طاقت يا مسمريزم ڪرڻ واري قوت نہ آهي ۽ نہ وري مان ڪنهن عجيب غريب مقناطيسي ڪشش رکڻ واري جاءِ ۾ داخل ٿي ويو آهيان. ڪنهن روحاني واسطي يا زبردستي ڪو ڪم ڪرائڻ واري طاقت بہ مونتي قبضو نہ ڪيو آهي."

"باپو" منهنجو داستان ان انداز ۾ ٻڌي رهيو هيو جيئن ڪو ٻيو ماڻهو انکي ٻڌي ها. انهيءَ حقيقت جي احساس منهنجي دليلن ۾ مضبوطي ۽ معقوليت سمائي ڇڏي ۽ منهنجي همت وڌندي وئي. جيتوڻيڪ مونکي علم هيو تہ هن وقت مان هڪ اهڙي غلط ڳالهہ جي وڪالت ڪري رهيو آهيان جنهن جو بنياد ڪوڙي منطق تي آهي.

مون اهي لفظ چئي پنهنجو بيان پورو ڪيو تہ:

"پراڻي قلعي جي ڪيمپ ۾ ترسيل مسلمان پناهگير هن ملڪ ۾ رهڻ جي خواهش نٿا رکن. مون ساڻن پاڻ ملاقات ڪئي آهي. اهي پاڪستان وڃڻ گهرن ٿا. اسان جا پنهنجا ماڻهو بي گهر لڳا پيا آهن. انهن وٽ مٿو ڍڪڻ لاءِ ڪجهہ ڪونهي منهنجي دل انهن جي مصيبتن تي پريشان آهي. اهي کليل آسمان هيٺان ويٺا، مصيبتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. اهي وڏي عذاب ۾ پنهنجا ڏينهن گذاري رهيا آهن. "باپو" مونکي ٻڌاءِ تہ مان ڇا ڪريان؟"

ڪنهن ٻئي جو ذڪر ڇا ڪجي. پر نهايت احتياط سان ڪيل منهنجي پنهنجي اپيل خود مونکي کوکلي لڳي رهي هئي.

"مهاتما گانڌي" وراڻيو: "جڏهن مان اتي ويجهان ٿو تہ اهي مسلمان اهو نہ ٿا چون تہ اهي پاڪستان وڃڻ چاهين ٿا. بلڪ اهي اهو چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان کي اسانجي گهرن ۾ نہ ٿا رکي سگهو تہ اسانکي افغانستان، ايران، عربستان يا ڪنهن ٻئي ملڪ موڪليو پاڪستان نہ موڪليو. اهي بہ اسانجا ئي ماڻهو آهن توهان کي انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي واپس آڻي انهن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي."

"مهاتما گانڌي وڏي سڪون واري آواز ۾ حقيقت جو اظهار ڪيو. مون جيڪو ڪجهه پڌو اهو ڪو فرمان يا حڪم نہ هيو، بلڪ سچ جي بنياد تي چيل هڪ ڳالهہ هئي. ان کي اهڙي انداز ۾ چيو ويو جنهن ۾ اختيارن جي استعمال کان وڌيڪ عاجزي ۽ نهٺائي لڪل هئي."

"پر مونکي جنهن شيءِ سڀ کان وڌيڪ حيران ڪيو اها هيءَ هئي تہ هن ان باري ۾ ڪنهن قطعي فيصلي جو اعلان نٿي ڪيو. هن رڳو اهو چيو هيو تہ مسلمانن کي واپس آڻي توهان کي سندن حفاظت ڪرڻ گهرجي. اهو چئي چڻ مهاتما گانڌي بحث جو دروازو کليل رکيو هيو."

"هن ڪجهہ وڌيڪ حقيقتون ۽ مشڪلاتون بيان ڪيون. مهاتما گانڌي منهنجي دليلن جون خاميون پڌايون. پر هو اصل موضوع کان هٽي ڪنهن قسم جي نمائشي يا ناصحاڻي وعظ ۾ ڪو نہ پيو. بلڪ مون جيڪي عملي مسئلا سندس اڳيان پيش ڪيا، هو انهن جي حل ڳولهڻ تائين محدود رهيو."

"جڏهن مهاتما گفتگو ڪري رهيو هيو تہ مونکي ڄاڻ پئجي وئي تہ سندس رڳو هڪ ئي دلي جذبو آهي هڪ ئي شديد خواهش ۽ سندس سموري اندروني قوت جو راز رڳو هڪ ئي آهي ۽ اهو آهي اٿاهہ محبت سان ڀريل دل."

**"هو مسلمانن، هندن، سکن ۽ عيسائين سان هڪ جيتري محبت ڪري ٿو. هو انگريزن سان بہ محبت ڪري ٿو. جن اسان تي 150 ڏيڍ سؤ سال حڪومت ڪئي. هن کي پاڪستانين سان بہ محبت هئي جن اسان جي لکين هندن کي اباڻن گهرن مان ڳولهي ڳولهي باهر ڪڍي ڇڏيو. هن پنهنجي ڳالهين ۾ محبت جو لفظ**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دفعو به استعمال نه ڪيو. پر جڏهن هن مون ڏانهن ڏٺو ته سندس اکين ۾ نرمي هئي ۽ چهري تي لازوال مرڪ وکريل هئي. مهاتما گانڌي جا خيال ٻڌي مون سخت شرمندگي محسوس ڪئي."

سندس خدمت ۾ 30 ٽيهه منٽ گذاري جڏهن مان ڪانٽس جدا ٿيس ته مون کي رهنمائي ملي چڪي هئي ته هاڻي مونکي ڇا ڪرڻو آهي. "باپو" سؤ سيڪڙو درست هيو. جڏهن هو اها ڳالهه زور ڏئي چئي رهيو هو ته "اسان کي پاڪستان جا 55 پنجونجاهه ڪروڙ ڏئي ڇڏڻ گهرجن ۽ واعدي خلافي نه ڪرڻ گهرجي جيتوڻيڪ انهن ڏوڪڙن بابت يقين جي حد تائين اهو چئي سگهجي ٿو ته پاڪستان اهي ڏوڪڙ هندوستان خلاف هٿيار خريد ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪندو."

انهيءَ انٽرويو جي ڇڏڻ ڏينهن بعد مان شملي ۾ هيس. اها هڪ ٿڌي ۽ ڪوهيڙي مان ڀرپور شام هئي ۽ هوا ۾ وڏي گهم به هئي. مان ۽ منهنجي گهرواري پسار ڪندي ڪلب کان واپس پئي آياسين ته رستي تي بازار جي گهما گهمي ۽ شور ۾ عجيب قسم جي ماٺ پئي نظر آئي. حالانڪ اها بازار شملي ۾ خريداري جو هڪ وڏو مرڪز پڻ آهي.

ماڻهو ڇڻ ڇڻ ۽ ٽن ٽن جي ٽولين ۾ بيٺا هئا ۽ مانيٺن آوازن ۾ ڳالهائي رهيا هئا ته هڪ جملو منهنجي ڪنين پيو:

"اسان جي اڳواڻن کي ماري ڇڏيو"

ٿورو اڳتي وياسين ته ٻيو آواز آيو:

"اها ته چرياڻپ آهي ۽ سنگدلي به آهي"

مون کي ڪتڪو ٿيو ۽ مان به مجبور ٿي حقيقت معلوم ڪرڻ جي لاءِ بيهي رهيس ۽ ماڻهن کان پڇيم ته ڇا ٿيو آهي؟ "مهاتما



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گانڌي کي قتل ڪيو ويو آهي ڪنهن گولي هڻي ڪيس ماري ڇڏيو آهي." ورندي ملي.

مونکي يقين نٿي آيو ته اهڙي چريائپ جو ڪم به ڪري سگهجي ٿو. خبر ٻڌائڻ واري کي انڪان وڌيڪ پتو ڪو نه هيو. پوءِ اسان گهر پهتاسين ۽ مون وائرليس جو بٽڻ دٻايو ته جيئن اسان کي ان دل ڏاريندڙ واقعي جي وڌيڪ ڄاڻ ملي. اسان جيڪو ٻڌي چڪا هئاسين هاڻ انجي سچائي ۾ ڪو به شڪ نه رهيو ۽ تصديق ٿي وئي.

واقعي موجب ان ڏينهن 5.00 بجه شام مهاتما گانڌي جڏهن "پرارٿنا سڀا" ڏانهن وڃي رهيو هيو ته "پونا" جي رهڻ واري هڪ برهمڻ "نٿورام گاڊسي" ڪيس گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو. قاتل سڌا فائر ڪندي ٽي گوليون هلايون. جيڪي مهاتما گانڌي جي سيني ۾ ۽ پيٽ ۾ لڳيون. هو ٿڏي تي ڪري پيو ۽ چيائين "هي رام."

مهاتما گانڌي کي نيم بيهوشي واري حالت ۾ سندس ڪمري ۾ نيو ويو، جتي هو زخمن جا سور نه سهي ڪجهه گهڙين ۾ سورگ ڏانهن راهي ٿي ويو.

سڄي ملڪ ۾ هلچل مچي وئي ائين ٿي لڳو ڄڻ هر طرف هڪ هنگامو آهي. ان رات لکين گهرن ۾ ڪاڏو نه پچايو ويو. جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ ڪاڏو پڪو به ته ڪاڏو نه ويو.

جنهن وقت سڄي قوم مهاتما گانڌي جي بي وقتي موت جو ماتم ڪري رهي هئي، ان وقت پوليس کي پنهنجي تاريخ جي سڀ کان وڏي پر نهايت بزدلاڻي ڏوهه جي جاچ سان منهن ڏيڻو ٿي پيو.

جاچ جوچ جو دائرو وسيع ٿيو ته اهو ظاهر ٿي ويو ته اڪيلو "نٿورام گاڊسي" ئي ان قتل ۾ ملوث ڪو نه هيو. بلڪ سندس گانڌي کي گوليون هڻڻ وارو ڪم، هڪ وڏي پيماني تي ۽ احتياط



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان تيار ڪيل سازش جو حصو هيو. پوليس کي ان ڪيس جي تحقيقات ۾ پنج مهينا لڳي ويا، پوءِ وڃي ان اعلان ڪيو تہ هاڻي هي ڪيس عدالت ۾ پيش ڪرڻ لائق آهي.

22 جون 1948ع تي انڊين سول سروس جي جڊيشل برانچ جي هڪ سينئر ميمبر ميمبر "آتما رام" جي ڪورٽ ۾ ڪيس جي ٻڌڻي شروع ٿي. ان ڪيس جي لاءِ ڪيس خاص طور تي مقرر ڪيو ويو هيو ۽ ڪيس ٻڌڻي لاءِ خاص عدالتي اختيار سونپيا ويا هئا. اهو ان لاءِ ضروري هيو تہ جج کي اهڙن ڏوهن سان منهن ڏيڻو هيو، جيڪي سندس اصل عملداري کان ٻاهر هيا.

دهلي جي لال قلعي ۾ ڪيس جي ٻڌڻي شروع ٿي، پر پبلڪ ۽ پريس کي ڪورٽ جي ڪاروائي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ عام اجازت هئي. ان ڪيس جي ڪاروائي جون ڊگهيون رپورٽون سڀني اخبارن ۾ شايع ٿيڻ لڳيون سمورن جوابدارن کي ان ڳالهہ جي پوري آزادي ڏني وئي تہ هو پنهنجي مرضي جو وڪيل مقرر ڪن.

انن ڏوهارين جو چالان پيش ڪيو ويو ۽ انهن مٿان قتل، قتل لاءِ سازش ۽ اهڙن ڏوهن جو ارتڪاب، جيڪي اسلحي ۽ ڌماڪيدار مادو رکڻ جي قانون موجب سزا لائق آهن، هيٺ چارج شيٽ مڙهي وئي.

1. نٿورام گاڊسي: عمر 37 سال، ايڊيٽر هندو راشٽرا، پونا.
2. گوپال گاڊسي (نٿورام جو ڀاءُ): عمر 27 سال، اسٽور ڪيپر، انڊين آرمي ڊيپو، پونا.
3. نارائڻ آپٽي: عمر 24 سال، مئنيجنگ ڊائريڪٽر، هندو راشٽرا، پرڪاشم لميٽڊ، پونا.
4. وشنو رام ڪرشن ڪارڪري: عمر 37 سال، هوٽل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مالڪ، احمد نگر.

5. مدن لال پاهو: عمر 20 سال (رفيوجي ڪيمپ)، احمد نگر.

6. شنڪر ڪسيتا: عمر 27 سال، گهرو ملازم پونا.

7. دتاتريہ پار چوري: عمر 49 سال ڊاڪٽر، گواليار.

8. دنائيڪ ساورڪر: عمر 65 سال، بيرسٽر، لينڊ لارڊ اينڊ پراپرٽي اونر، بمبئي.

پيا تي چٽا، گنگاڌر ڊندوتي، گنگاڌر جاديو ۽ سوريا ديو شرما، ڀاڄوڪڙ ڄاڻايا ويا، جن جي خلاف ڪيس سندن غير موجودگي ۾ هلايو ويو.

استغاثي پاران ڪيس جي شروعات "سي، ڪي، دفتري" ڪئي جيڪو انوقت بمبئي جو ايڊووڪيٽ جنرل هيو. 24 جون 1948ع تي گواهن مٿان جرح شروع ڪئي وئي. ڪل 149 شاهدن کي طلب ڪيو ويو ۽ وڏي تعداد ۾ دستاويز، خط، اخبارن جا مضمون ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون ثبوت طور ڪورٽ ۾ پيش ڪيون ويون.

انهيءَ ڪيس ۾ شاهديءَ جو سڀ کان اهم حصو هڪ واعدي معاف گواهہ "ڊگامبر باجي" جو بيان هيو. هو سازش تيار ڪندڙ جو ئي هڪ ساٿي ۽ قتل جي منصوبي ۾ سرگرم نموني شريڪ هيو. مهاتما گانڌي جي قتل کان هڪ ڏينهن پوءِ 31 جنوري تي ڪيس پوليس گرفتار ڪري معمول مطابق ڪائنس پڇا ڳاڇا ڪئي. هن سنت ئي پنهنجو بيان ڏئي پنهنجي ڏوهہ جو اقرار ڪيو ۽ پنهنجي ڏوهہ ۾ شريڪ ساٿين کي ظاهر ڪيو. ڪجهہ وقت گذرڻ کانپوءِ هن هڪ مئجسٽريٽ اڳيان پيش ٿي پنهنجي بيان کي ورجائڻ جي حامي ڀري جنهن کان پوءِ ڪيس مشروط وعدي معاف گواہ جي حيثيت ڏني وئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ائين هو سلطاني گواهه بڻجي ويو.

شاهدن مٿان جرح ۽ انهن جي طرفان پيش ڪيل ثبوتن ۽ گواهين جي ڪاروائي 6 نومبر 1948ع تي ختم ٿي وئي. جوابدارن کان جڏهن اهو پڇيو ويو ته استغاثه پاران جيڪي ثبوت پيش ڪيا ويا آهن ڇا هو ان جي جواب ۾ ڪجهه چوڻ چاهيندا، ته انهن ڊگها ڊگها بيان ڏنا. پر ان سان گڏ اهو فيصلو به ڪيائون ته شاهدن مان ڪنهن کي به نه گهرائيندا سين، پوءِ به انهن پنهنجي صفائي ۾ ڪيترائي دستاويز ڪورٽ ۾ پيش ڪيا. سندن قانوني مشير جا دليل پورو هڪ مهينو هليا.

ٽرائل ڪورٽ پاران انهيءَ ڪيس جو فيصلو 10 فيبروري 1949ع تي ٻڌايو ويو. جن ماڻهن مٿان الزام لڳايو ويو هو، انهن مان "دنائيڪ ساورڪر" کي بري ڪيو ويو. ٻن ڏوهارين "نٿو رام گاڊسي" ۽ "نارائڻ آپٽي" کي موت جي سزا ٻڌائي وئي.

ڪيس هلائيندڙ جج انهيءَ حڪم جو اعلان ڪندي جوابدارن کي ڄاڻ ڏني ته جيڪڏهن هو ان فيصلي خلاف اپيل ڪرڻ چاهين ته 15 ڏينهن اندر ائين ڪري سگهن ٿا. ان جي ڇهن ڏينهن بعد انهن ستن ئي مجرمن پاران پنجاب هاءِ ڪورٽ ۾ اپيلون داخل ڪيون ويون.

"نٿو رام گاڊسي" پنهنجي پاران نه ته قتل جي الزام تي ملڻ واري سزا کي چئلينج ڪيو نه وري موت جي سزا ملڻ تي ئي اعتراض ڪيو. بلڪه سندس اپيل رکيو ڪيس هلائيندڙ جج جي ان نتيجي تي پهچڻ جي خلاف هئي ته "مهاتما گانڌي" جو قتل هڪ سازش هئي. هن اڪيلي سر مهاتما گانڌي جي قتل جي جوابداري قبول ڪئي ۽ نهايت زور سان انڪار ڪيائين ته ان ۾ ڪنهن ٻئي جو به هٿ هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 2

## "جوابدارن جو تعارف ۽ اپيل جي ٻڌڻي"

عام طور تي قتل جي ڪيسن ۾ داخل ڪيل اپيلون هاءِ ڪورٽ جي قاعدن ۽ ضابطن موجب ٻن ججن تي مشتمل بينچ ڪندي آهي، پر "سرڳواسي مهاتما گانڌي" کي جيڪو مقام ۽ حيثيت حاصل هئي ان سبب، شهادتن ۽ گواهين جي مونجهارن ۽ گهڻي تعداد ۾ هجڻ سبب وڌيڪ سوچ ويچار جي گهرج هئي.

انڪري انهن ڳالهين ۽ ڪيس ۾ هر هڪ جي بيمثال دلچسپي سبب، چيف جسٽس پنجاب هاءِ ڪورٽ، "نٿورام گاڊسي" ۽ سندس ڏوهه ۾ شريڪ ساٿين جي اپيل ٻڌڻ لاءِ ٽن ججن تي ٻڌل بينچ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن جا ميمبر هي هئا.

1. مسٽر جسٽس ڀنڊاري.
2. مسٽر جسٽس اڇرو رام.
3. جسٽس گوپال داس کوسلا (آئون)

اسان فيصلو ڪيو ته پراڻي دستور کي اختيار ڪندي مخصوص طريقي مطابق اسان ججن جو مخصوص لباس پائيندا سين ۽ ڪورٽ روم ۾ داخل ٿيڻ وقت شروعات دورن وانگر اسان جي اڳيان ڪورٽ جا اردلي رنگين وردين ۾ ملبوس ٿي ڪورٽ جا مخصوص عصا هٿن ڪئي لوڏيندا هلندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجاب هاء ڪورٽ انهن ڏينهن ۾ شملي ۾ ويهندي هئي. ڪنهن ٻئي هنڌ چڱي جاءِ موجود نہ هئڻ سبب 1947ع جي سرءُ ۾ ٽڙتڪڙ ۾ اهو انتظام ڪيو ويو هيو.

سرڪار ڪيس هلائڻ لاءِ هڪ تمام وڏي عمارت "پيٽر هوف" جيڪا ان کان اڳ هندوستان جي وائسراءِ جي گرمين جي رهائشگاهہ هئي، اسان کي استعمال ۾ ڏني. جيڪا پري پري کان نظر ايندڙ جبلن جي برف پوش چوٽين جي وچ ۾ هڪ خوشگوار منظر پيش ڪري رهي هئي. پر هاءِ ڪورٽ جي اجلاس لاءِ اها عمارت مناسب نہ هئي. انهيءَ "وائسريگل لاج" مان سينگار ۽ سونهن وارو فرنيچر ۽ ٻيو سامان ڪڍي سونهري پردا لاهي ڪمرن کي ٻي مزي ٻٽائي پنهنجي پر ۾ سادو ڪيو ويو هيو. ان ڪانسواءِ ان ۾ وڏي ۾ وڏو ڪمرو بہ ايترو ڪشادو نہ هيو جو هڪ جج، سندس عملو، اڌ ڊزن وڪيل ۽ انهن جا منشي ڪيترائي ڪلاڪ ڪم ۾ مصروف رهي سگهن.

ڪيس هلڻ دوران ڪيس جون ڏريون اهو ڏسڻ بہ اينديون هيون تہ سندن قانوني مشير، سندن بدنصيبي ۽ اميدن جي معاملن سان ڪيئن ٿا منهن ڏينهن ۽ اهي جيڪي دليل ڏين ٿا ججن جو انهن بابت ڪهڙو تاثر آهي.

جج لاءِ هڪ ٽيبل گهربي آهي، ٻي ميز سندس ريڊر ۽ ٽائپسٽ/ اسٽينوگرافر لاءِ. وڪيلن لاءِ پڻ هڪ ميز گهرجي جنهن تي هو ڪيس جا فائل ۽ رفرنسن لاءِ قانوني ڪتاب رکي سگهن. جڏهن قانوني رپورٽون ۽ ٻيا حوالن جا ڪتاب رکڻ لاءِ الماڙيون پٽين سان لڳائي رکيون ويون تہ اتي عوام جي لاءِ ڪا بہ جڳهہ نہ بچي اسان کي هر وقت اهو احساس هوندو هيو تہ ڄڻ اسان قيد ۾ آهيون ۽ اسان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وس ۾ نہ نہ هيو تہ ان صورتحال کي بدلائي سگهون.

"چنڊي ڳڙهہ" ۾ واقع هاء ڪورٽ جي وسيع عمارت جنهن ۾ اسان 1955ع ڌاري منتقل ٿياسين. اسان جي اجلاس لاء بهتر جاء ثابت ٿي ها پر اسان کي تہ شملي ۾ ويهاريو ويو.

هونئن تہ شملي جي عوام کي ڪيس جي ڪاروائين سان ڪا بہ دلچسپي نہ هوندي هئي. ان لاء اهي عام عدالتي ڪاروايون ڏسڻ ۽ ٻڌڻ نہ ايندا هيا. پر هاڻي اندازو هيو تہ مهاتما گانڌي جي قتل جي سلسلي ۾ اپيل جي ٻڌڻي وڏيڪ دلچسپي پيدا ڪندي. وڪيل، صحافي ۽ تماشائي روزانو وڏي تعداد ۾ ڪورٽ ۾ ايندا، پر هتي هڪڙو بہ اهڙو ويڪرو ۽ وڏو ڪمرو نہ هيو، جنهن ۾ اهي سڀ ماپي سگهن.

پهرين ماڙ تي اسان جي عدالت جي ڪمرن ۾ اچڻ لاء ماڻهن کي انهيءَ عمارت جي هيٺين ماڙ ۾ موجود ڊانس هال مان لنگهي اچڻو پوندو هيو جيڪو رستي ۽ لنگهہ طور استعمال ٿيندو هو. اونهاري جي مند ۾ جڏهن حڪومت، ڪلڪتي کان شملي ڪچي ايندي هئي تہ "وائسراء هند" جي تفريح لاء آڊيل اهو ڊانس هال وڏو هوادار ۽ ٿڌو هيو.

انهيءَ ڊانس هال ۾ ٿورڙي متا ستا ڪري انجي هڪ پاسي کان هڪ ويڪرو ٿلهو ٺاهيو ويو. جنهن سبب اهو هڪ چڱو ڪورٽ روم بڻجي ويو. ساڳ جي ڪاٺ جي هڪ ڏاڪڻ بہ رکي وئي جيڪا مٿان کان اچي ان ٿلهي تي پوري ٿيندي هئي.

انهيءَ ڏاڪڻ سان عدالت جو شان وڌي ويو. عمارت جو اهو انداز، گائون ۽ مخصوص لباس پاتل ججن جي شان وٺان هو.

جج ڇهن هفتن تائين روزانو هڪ مقرر ۽ باوقار رفتار سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندا. شاندار ڏاڪڻ تان لهندا ان ڪمري ۾ لهيل دڪي تي ايندا رهيا. جڇن جي اڳيان ڳاڙهي ۽ سونهري رنگ جي چلڪندڙ وردين ۾ ملبوس "چوبدار" هٿن ۾ عدالتي "عصا" کڻي پوش پوش ڪري هلندا هئا جنهن مان قانون جي عملداري جو احساس ٿيندو هيو.

اهڙي شان شوڪت ۽ عظمت واري ڳالهه لاهور هاءِ ڪورٽ کي ڇڏڻ کان پوءِ هتان جي پناهگير هاءِ ڪورٽ ۾ به ڪٿي به نظر نه آئي. هتي عدالتي عصا اسٽور روم ۾ جمع ڪيا ويا هئا ڇاڪاڻ ته هن عمارت ۾ ڪمرن جي وچ وارو سوڙهو رستو ان رسم جي ادائگي ۾ رڪاوٽ هيو. انهيءَ بنياد تي گائون پائڻ به بند ڪيو ويو هيو.

ڪيترائي وڪيل ورهاڱي سبب پنهنجيون جانيون بچائي افراتفري ۾ ڀڄڻ وقت پنهنجا گائون لاهور ۾ ڇڏي آيا هئا ۽ شملي ۾ اچڻ وقت انهن ڪورٽ ۾ درخواستون ڏنيون هيون ته خاص حالتن ۾ لباس جي ضابطي جي پابندي کي سندن حق ۾ نرم ڪيو وڃي.

"انهن سمورين حالتن ۾ اپيل جي ٻڌڻين ڏينهن عدالتي چوبدارن جي ڳاڙهن ۽ سونهري لباسن، ججن کي پاتل ججن/گائون ۽ مخصوص رعبدار لباس، پراڻي عظمت ۽ رومن عدالتن وارو نظارو ڀيهر نه رکو جيئاري ڇڏيو بلڪ ان کي اڳي کان به وڌيڪ سهٽو ۽ من موهيندڙ بڻائي ڇڏيو."

ڪيس جي ٻڌڻي 2 مئي 1949ع تي شروع ٿي. اهو هڪ روشن ۽ خوشگوار ڏينهن هيو. سج جا ٽلها ڪرڻا "پيٽرهوف" جي نرم ۽ ملائم ڇپر تي لڳي موتي رهيا هئا. هوا ۾ ٽڪار هئي ۽ عدالتي ڪمري کي ٻڌن ڪن بجلي وارن چلهن سان گرم ڪيو ويو هيو. پوليس جا سپاهي در تي پهرو ڏئي رهيا هئا ۽ عدالتي ڪمري ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پاسون پڻ جاري ڪيون ويون هيون. جيڪي هاءِ ڪورٽ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رجسٽرار جاري ڪندو هيو.

جڏهن اسان ٿلهي/دڪي تي اچي پنهنجي جڳهن تي ويناسين ته مون ڏٺو ته ڪمري ۾ ته تر ڇنڻ جي به جاءِ نه هئي. ڪاري رنگ جا ڪوٽ ۽ گائون پاتل وڪيل جن کي ان ڏينهن پنهنجن ڪيسن جي پيروي جي سلسلي ۾ ججن جي روبرو پيش نه ٿيڻو هيو. اهي ڪارن لباسن ۾ پنهنجي حق موجب پهرين قطار ۾ وڏي شان سان ويٺا هئا.

سندن پويان شملي شهر جا اهي معتبر ۽ اشراف ويٺا هئا، جيڪي ڪافي اثر رسوخ استعمال ڪرڻ کان پوءِ پاسون حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا. اخباري رپورٽرن ۽ نمائندن جي لاءِ جدا جايون هيون. ججن جي ساڄي پاسي اصل دستاويزن جا ڍير هئا ۽ انهن جي پرسان اعليٰ شخصيتن جي لاءِ ڪرسيون محفوظ ڪيون ويون هيون. جن ۾ مانوارن جج صاحبان ۽ هندوستاني حڪومت جي عملدارن جون گهرواريون ۽ نياڻيون به شامل هيون.

ٿلهي جي اڳيان هڪ ڊگهي ميز وٽ وڪيل هڪ سهڻي قطار ۾ ويٺا هئا. اهي وڪيل اپيل ڪندڙن پاران ۽ سرڪار جي پاران پيش ٿي رهيا هئا. انهن وڪيلن ۾ ڪلڪتي جو هڪ مشهور سينئر وڪيل "مسٽر بينر جي" به هيو، جيڪو "نارائڻ آپٽي" ۽ "مدن لال پاهوا" جي پيروي ڪرڻ لاءِ آيو هيو.

"مسٽر ڊانگي"، "وشنو ڪارڪري" جي پاران ۽ "مسٽر اوسيٽي" پنجاب هاءِ ڪورٽ واري کي "شنڪر ڪسيتا" جي پاران پورڳتو هيو. ڇو ته "شنڪر ڪسيتا" ايترو ته غريب هيو، جو ڪيس وڪيل جو خرچ ادا ڪرڻ جي طاقت نه هئي ان لاءِ سندس وڪيل پبلڪ جي خرچ تي مقرر ڪيو ويو ۽ "مسٽر انامدار"، بمبئي مان "دتاتريه پارچوري" ۽ "گوپال گاڊسي" لاءِ مقرر ڪيو ويو هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي آڏو موجود صورتحال کي هڪ بهترين موقعو ڄاتو ۽ ان مان پورو پورو فائدو ورتو.

سامهون واري قطار جي ڪابي پاسي آخري ڪناري تي چار وڪيل ويٺا هئا. جيڪي استغاثي پاران پيش ٿي رهيا هئا. اهي هئا. "مسٽر دفتري"، "مسٽر پيٽي گارا" ۽ "مسٽر ڊواهارڪر" جيڪي ٽئي بمبئي جا هئا ۽ چوٿون "مسٽر ڪرتار سنگهه چاولہ" جيڪو اسان جي پنهنجي هاء ڪورٽ جو هيو.

"مون پنهنجو پاڻ کي هڪ ضابطي جو پابند رکيو آهي اهو، هيءُ تہ ڪنهن بہ ڪيس جي فائيل جو مطالعو ان جي باقاعده ٻڌڻي کان اڳ نہ ڪيو وڃي. مان عام طور تي انهيءَ فيصلي کي پڙهي ولندو آهيان، جنهن جي خلاف اپيل ڪئي وئي هجي، تہ جيئن ان ڪيس جون مجموعي حقيقتون منهنجي تصور ۾ جمي وڃن، جن جي ٻڌڻي مون کي ڪرڻي آهي."

"منهنجو سدائين کان اهو نظريو رهيو آهي تہ ڪنهن ڪيس جي ثبوتن ۽ گواهين جو اڳواٽ سمورو مطالعو ۽ ان جي مونجهارن سان ڀرپور تفصيلن تي پورو ڪنٽرول هڪ بي لاڳ ۽ منصفاڻي ٻڌڻي ۾ رڪاوٽ بڻجي وڃي ٿو. عدالت جي کليل فضا کان پري ڀنهي ترين جو نڪتہ نظر سامهون اچڻ ڪانسواءِ، جج جو ذهن سڄي ڪيس جي ثبوتن جي پيدا ڪيل تعصب جي روشني ۾ هڪ طرف مائل ٿي سگهي ٿو. اها صورتحال وڪيل جي دليلن خلاف بي خبري ۾ مزاحمت جو سبب بڻجي سگهي ٿي. جيتوڻيڪ جج انصاف جي غير معمولي روايتن جو لڳاتار اعلان ڪندا رهندا آهن ۽ ڪيس جي پڄاڻي تائين اهي اصولن جي شديد پابندي ڪندا آهن."

مان اهڙن ججن کي سڃاڻان ٿو جيڪي وڪيلن کان وڌيڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم ۾ انجي ڪرڻ جي طريقن ڪان بهرحال هو اوپرو بنيل رهيو.

"نٿو رام گاڊسي" ۾ سندس ڏوهه شريڪ ساٿين جي ڪيس جي ٻڌڻي شروع ٿيڻ ڪان اڳ هو اهڙا ٿلها ڪتاب پڙهندو رهيو هيو، جن ۾ مڪمل ثبوت، زباني ۽ دستاويزي شامل هئا. سيني ملائي ان جا 1131 فل اسڪيپ صفحا هيا. انڪان سواءِ ضميمي جا 115 سائيڪلو اسٽائل ٽيل فل اسڪيپ صفحا پڻ هيا. "مسٽر جسٽس اڇرو رام" تڪليف وٺي ڪيترن ئي شايع ٿيل اهڙن ڪيسن جو مطالعو پڻ ڪيو هيو، بلڪ انهن مثالن ڪي نوٽ ڪري ورتو هيو، جيڪي اڳتي هلي ڪيس جي سلسلي ۾ ڪم اچڻا هيا. بهرحال جڏهن 2 مئي تي هو ڪورٽ ۾ آيو ته ڪيس جي واقعن ۽ اپيلن جي درخواستن ۾ جيڪي قانوني نڪتا اٿاريا ويا هئا، انهن سان پوري پوري مفاهمت ۽ هم آهنگي جو ثبوت ڏنائين.

مونکي پنهنجي اڪوٽي ساٿي جج "مسٽر جسٽس اڇرو رام" جي وڪيل ۽ جج هجڻ وارين ٻنهي حيثيتن جو سدائين بي حد احترام رهيو آهي ۽ مان سندس علم ۽ فضل جي عزت ڪندو رهندس، پر "نٿورام گاڊسي" وارن جي اپيل جڏهن پهرين ڏينهن ٻڌڻي ۾ آئي ته بدقسمتي سان سندس محنت جي عادت مان ڪو نتيجو ڪونه نڪتو.

"ڪيس جي شروعات "مسٽر بينرجي" ان دليل سان ڪئي ته جنهن مقصد جي لاءِ سازش ڪئي وئي، ان جي پڄاڻي ڪان پوءِ سازش جو الزام قائم نٿو رهي ۽ سازشين تي ٻئا الزام يعني مهاتما گانڌي کي قتل ڪرڻ جي سازش ۽ پوءِ واقعي موجب ڪيس قتل ڪرڻ، جي بنياد تي مٿن (اپيل ڪندڙن مٿان) ڪيس نٿو هلائي سگهجي. انهن جي مٿان اهو ڪيس خون ڪرڻ ۽ خون ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ جي بنياد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي هلائڻ ڪپندو هيو."

"مسٽر بينرجي" جو دليل اهو هيو ته الهيءَ سنگين بي ضابطگيءَ سبب سمورن اپيل ڪندڙن جي ڪيس جي ٻڌڻي/ڪارروائي باطل / رد ٿي وئي آهي. قانون جي ماهرن جي ويچهو اهو هڪ عمدو ۽ بهترين نڪتو / دليل هئو.

پر جيئن ئي "مسٽر بينرجي" چند جملا چيا "مسٽر اڇرو رام" سندس ڳالهه ڪي ڪٽيندي، سندس ڌيان هندوستان جي مختلف هاءِ ڪورٽن جي ڇپيل ڪيسن جي مثالن ڏانهن ڇڪايو. "مسٽر بينرجي" وڏو وس ڪيو ته هو بحث هيٺ آيل مسئلي تي قانون جي تشريح رکو هڪ فيصلي جو حوالو ڏئي پنهنجي حساب سان ڪري، جنهن سان سندس موقف سگهارو ٿئي. پر "مسٽر اڇرو رام" سندس خلاف مثالن جي بوڇاڙ ڪري ڪيس چپ ڪرائي ڇڏيو.

منهنجي دوست ۽ ساٿي "مسٽر جسٽس ڀنڊاري" جيڪو بينچ جو سينئر جج هيو، محسوس ڪيو ته ڪيس ان ڪيس جي ڪارروائي جي اڳواٽي ڪرڻ گهرجي ۽ ان تي ڪنٽرول رکڻ گهرجي. ان صورتحال پر "مسٽر بينرجي" کي رکو ڪيس جي واقعن جو خلاصو بيان ڪرڻ ۽ ٿورڙي گفتگو ڪرڻ جي اجازت ملي وئي.

"ان ڪيس جي شروعاتي ڪارروائي مان پيدا ٿيل تاثر سبب "جسٽس ڀنڊاري" کي ڳڻتي ورائي وئي ۽ هن خيال ڪيو ته هڪ عالمگير حيثيت واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران بينچ ان جي عظمت ۽ وقار جي ابتڙ عمل ڪري رهيو آهي. ڪيس ڊپ هيو ته ڪوڙيون ڳالهيون ڪٿي اهو تاثر پيدا نه ڪري وجهن ته ڇڻ اسين سڄي ڪيس بابت اڳواٽ ئي ڪو فيصلو ڪري رهيا آهيون ۽ سزايافته ڏوهارين پاران پيش ڪيلن دليلن کي پرکڻ نٿا چاهيون."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ان ڏينهن جي ڪاروائي ختم ٿي ته "مسٽر جسٽس پنداري" منهنجي چيمبر ۾ آيو ۽ مونکي اعتماد ۾ وٺي پنهنجي بيزاري ظاهر ڪيائين ۽ ان ڪيس جي ايندڙ صورتحال بابت پنهنجن گمانن جو اظهار پڻ ڪيائين. هن مون کان پڇيو ته انهيءَ صورتحال سان ڪيئن منهن ڏيڻ کپي. مون سندس راءِ سان اتفاق ڪيو ۽ چيو ته پهرئين ڏينهن واري ڪاروائي ته واقعي عجيب هئي ۽ جيڪڏهن ڏسڻ وارن جي وڏي انگ جون شڪليون ان سلسلي ۾ ڪجهه ظاهر ڪري پئي سگهيون ته اهو ٿي ڏسڻ ۾ پئي آيو ته گيلري وارن لاءِ اسان وڏي حد تائين تفريح مهيا ڪئي آهي.

"جسٽس پنداري": گوپال! اسين ان نموني نٽا هلي سگهون. قانوني جي ماهرن کي پنهنجي موقف بابت دليل پيش ڪرڻ جي اجازت هجڻ گهرجي.

مون ورائيو: معزز ساٿي! اهو صحيح آهي پر توهان کي چڱي طرح پروڙ آهي ته ڪجهه جج صاحب تقرير ڪرڻ پسند ڪندا آهن ۽ جڏهن قانوني ماهر تقرير ڪري رهيو هجي ته اهي مداخلت ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهندا آهن. انگلستان ۾ به ائين ٿيندو آهي.

جسٽس پنداري: ڇا توهان سمجهو ٿا ته مون کي ان باري ۾ هن (مسٽر اچرو رام) سان ڳالهائڻ گهرجي؟ توهان غور ته ڪريو. اڄ اسان هن ڪيس تي پنج ڪلاڪ وڃايا آهن ۽ هڪڙو قدم به اڳتي نه وڌيا آهيون.

مون ورائيو: ٺيڪ آهي توهان سائس ڳالهائي ڏسو. پر مان ڄاڻان ٿو ته هو ان ڳالهه کي پسند نه ڪندو.

ٿيو به ائين "مسٽر جسٽس اچرو رام". "مسٽر جسٽس پنداري" جي ڳالهه پسند نه ڪئي. هن کي تمام گهٽي منيان لڳي ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندڙ ڪجھ ڏينهن تائين پنهي ساٿي ججن جا لاڳاپا خراب رهيا. هو هڪ ٻئي جو آڌر ڀاءُ بوٽ بيڙو ڪري ڪندا هئا. خوشقسمتي سان اهو جهيڙو چند ڏينهن لاءِ هو، مقدمي جي منجهيل ۽ اٽڪڻ ونگڻ ثبوتن جي جاچ پڙتال نيٺ ختم ڪرڻي هئي، ان سان گڏوگڏ اها ڪڙاڻ پڻ گهٽجندي گهٽجندي ختم ٿي وئي.

جيڪي قانوني نڪتا اسان جي اڳيان اڀاريا ويا مان انهن جو ذڪر نہ ڪندس، ڇا لاءِ جو عام پڙهندڙن لاءِ انهن ۾ ڪا بہ دلچسپي نہ آهي بلڪہ ڪنهن وڪيل جي لاءِ بہ انهن مان چند ڇاتل سڃاتل ضابطن ۽ ڪم جي طريقن مان ڄاڻ حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجھ بہ نہ هوندو آهي.

پر پوءِ بہ ڪيس جي ڪهاڻي بيان ڪرڻ، اهو ٻڌائڻ تہ سازش ڪيئن تيار ڪئي وئي ۽ پوءِ "مهاتما گانڌي" کي ڪيئن قتل ڪيو ويو اهو ضروري آهي، ان کان اڳ ۾ مان انهن ماڻهن جو هلڪو تعارف ڪرائڻ مناسب ٿو سمجهان، جن جي قسمت جو فيصلو ٻڌائڻ جو ڪم اسان جي حوالي ڪيو ويو هيو.

1. نٿورام گاڊسي:

نٿورام گاڊسي ۽ گوپال گاڊسي ٻئي ڀاءُ پر ڀائر ۽ هڪ ڳوٺائي پوسٽ ماسٽر جا پٽ هئا. سندن خاندان الڻ ماڻهن تي مشتمل هيو، چار ڀائر بہ ڀينرون ۽ پيءُ ماءُ. نٿورام، پنهنجي پيءُ ماءُ جو ٻيو نمبر ٻار هيو. هو اسڪول ۾ محنتي ڪو نہ هيو ۽ ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي اسڪول مان ڀڄي آيو. هن ننڍي پيماني تي ڪپڙي جو ڪاروبار شروع ڪيو، پر نقصان پوڻ تي هڪ ٽيلر ماسٽر جي دوڪان تي ملازم وڃي بيٺو.

ٻاويهن سالن جي عمر هو آر-ايس-ايس (راشٽريہ سويم سيوڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگھہ) ۾ شامل ٿي ويو ۽ چند سال گذارڻ کان پوءِ هو "پونا" هليو ويو ۽ اتي هندو مها سڀا جي مقامي شاخ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

"نٿورام گاڊسي" حيدرآباد دکن ۾ شروع ٿيڻ واري سول نافرماني جي تحريڪ ۾ پڻ حصو ورتو ۽ جيل ۾ ڪاٽيائين. انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد دکن رياست جا هندو اتان جي نظام جي مسلمان حڪومت جي مخالفت ۾ کين سندن حقن کان محروم ڪرڻ خلاف تحريڪ هلائي رهيا هئا.

ايستائين هو هندو سياست ۾ پوري ريت حصو وٺڻ لڳو هئو. پونا ۾ هو "نارائڻ آپٽي" سان مليو، جيڪو هڪ اسڪول ۾ استاد هيو. اتي هن هڪ اخبار "اگرني" جي نالي سان جاري ڪئي. بعد ۾ ان اخبار جو نالو مٽائي "هندو راشٽرا" رکيو ويو.

"نٿورام گاڊسي" مهاتما گانڌي جي پاليسين جي سخت خلاف هيو. جنهن کي هو مسلمانن کي دلاسا ڏيڻ ۽ سندن همٿ وڌائڻ جو نالو ڏيندو هو ۽ ان سان گڏ هر اهڙي تحريڪ تي نڪتہ چيني ڪندو هيو جيڪا "مسٽر جناح" جي مطالبن کي تسليم ڪرڻ بابت هوندي هئي.

"پنهنجي لکيتن ۾ "نٿورام گاڊسي" سدائين "جناح ۽ گانڌي" جي ملاقاتن ۽ بنگال جي هڪ مسلمان اڳواڻ "حسين شهيد سهروردي" سان "مهاتما گانڌي" جي دوستي تي ڪاوڙ ۽ نفرت جو اظهار ڪندو رهندو هيو. جڏهن سرڪار کي سندس لکڻيون، جڏهن کي پڙڪائڻ، امن ۾ خلل وجهڻ واريون ۽ خطرناڪ نظر اچڻ لڳيون تہ ڪيس چتاءُ ڏنو ويو."

جڏهن سرڪار پاران چتاءُ ڪافي نہ سمجهيو ويو تہ "پريس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪيورٽي ايڪٽ" هيٺ اخبار جي (Security Deposit) "زرضمانت ضبط ڪئي وئي ۽ ڪيس نئين سر ضمانت جي رقم جمع ڪرائڻ لاءِ چيو ويو. جيڪا "هندو مها سڀا" جي مقصدن سان همدردي رکندڙن جي چندي مان گڏ ڪئي وئي.

20 جنوري واري بم جي ناڪام واقعي جو ذڪر "هندو راشٽرا" ۾ فتح مندي جي هيڊنگن سان ڪيو ويو. هندو پناهگيرن ۽ مسلمانن بابت "مهاتما گانڌي" جي همدردانئي پاليسين تي پڻ سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيائين. "نٿورام گاڊسي"، "ڀڳوت گيتا" پڻ پڙهيل هيو ۽ ان جا ڪيترائي اشلوڪ ڪيس زباني ياد هوندا هئا. انصاف حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ تشدد جي واقعن کي برحق ثابت ڪرڻ جي لاءِ هو انهن اشلوڪن جا مثال ڏيندو رهيو. هو هڪ انتها پسند هندو هيو جيڪو پنهنجي انتها پسندي کي خاموشي جي پردي ۾ وڏي چالاڪي سان لڪائي ونندو هيو.

2. گوپال گاڊسي:

گوپال گاڊسي هندن جي ڪيس جي وڪالت ۾ ايترو پرجوش نہ هيو. ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ هو انهيءَ ساڳئي سلائي واري اداري ۾ ملازم ٿيو جتي سندس وڏو ڀاءُ "نٿورام گاڊسي" ڪم ڪندو هيو. هن شادي ڪئي ۽ ڪيس ٻہ ڌيئر پڻ پيدا ٿيون. "گوپال گاڊسي" پڻ "هندو مها سڀا" لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. بعد ۾ هو برطانوي فوج ۾ هڪ شهري ڪارڪن طور ملازم ٿي ويو.

ڪيس "پونا" ويجهو هڪ آرمي اسٽيشن تي "موٽر ٽرانسپورٽ اسپيئرز سب ڊيپو" تي اسٽور ڪيپر طور مقرر ڪيو ويو. ٻي مهاڀاري جنگ ۾ هو عراق ۽ ايران ويو ۽ ان وچ ۾ انساني حقن ۽ آزادي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهميت ڪان پڻ آگاهہ ٿي موٽي آيو. "ساورڪر" برصغير جي ورهاڱي خلاف جيڪي تقريرون ڪيون، "گوپال گاڊسي" انهن ڪان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ سخت تشدد جي عقيدي جو حامي بڻجي ويو.

سندس ڀاءُ "نٿورام گاڊسي" دور انديشي ڪان ڪم وٺڻ جو مشورو ڏيندي ڪيس چيو تہ تون سگهرو آهين، تو کي ٻار ٻچا آهن ۽ تنهنجي مٿان ذميوارين جو بار ۽ ڪجهہ پابنديون پڻ آهن، هن خطرناڪ ٠اٽ تي هلي پوڻ کان اڳ ۾ تون چڱي ريت سوچي وٺ. "گوپال گاڊسي" ڪجهہ ترسيو، ان معلملي جي هر رخ تي غور ڪيائين ۽ آخر ۾ هن پنهنجي قسمت جو پلئو، پنهنجي ڀاءُ "نٿورام گاڊسي" سان ٻڌي ڇڏيو.

3. نارائڻ دتاتريہ آپٽي:

هي هڪ وچولي درجي جي برهمڻ خاندن جو فرد هيو. بي-ايس-سي جو امتحان پاس ڪرڻ ڪان پوءِ هو "احمد نگر" ۾ هڪ اسڪول ۾ استاد ٿي ويو. اتي هن هڪڙي رائفل ڪلب کولي ورتي ۽ ان سان گڏ "هندو راشٽر دل" ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي. ان وچ ۾ سندس ملاقات "نٿو رام گاڊسي" سان ٿي ۽ ٻنهي وچ ۾ دوستي جا پڪا لاڳاپا ٿي ويا.

"نارائڻ دتاتريہ آپٽي" 1943ع ۾ "انڊين ايئر فورس" ۾ شامل ٿي ويو ۽ کيس ڪنگ ڪميشن مليو. ڇهن مهينن ڪان پوءِ هن "انڊين ايئر فورس" مان استعيفا ڏئي ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ سندس ننڍو ڀاءُ گذاري ويو ۽ گهرو معاملن جي نظر داري لاءِ سندس گهر ۾ رهڻ لازمي هيو. مٿئين سال هو نٿورام گاڊسي سان شامل ٿي اخبار جي انتظامي معاملن ۾ سندس مدد ڪرڻ لڳو.

"نٿو رام گاڊ ي" سان سندس ويجهڙائي کيس بہ ساڳين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرين جو حامي بڻائي چڙيو ڇاڪاڻ ته سنڌس خيال هيو ته سياسي ميدان ۾ پرامن ذريعن سان ڪجهه به حاصل نه ٿي سگهندو.

جيتوڻيڪ هو گاڊسي جهڙي مذهبي جوش ۽ ڀرپور ولولي کان محروم هيو، پر پوءِ به هن آخر تائين "نٿو رام گاڊسي" کان به وڌيڪ ثابت قدمي ۽ جرئتمندي جو مظاهرو ڪيو.

4. وشنو رام ڪرشن ڪارڪري؛

سنڌس ننڍپڻ ۽ جواني تمام رنگين ۽ سنگين هئي سنڌس پيءُ ماءُ، غريب هجڻ سبب پالنا ڪرڻ کان لاچار هئا. ان لاءِ هو ان کي هڪ اناٿ آشرم/يتيم خاني ۾ ڇڏي ڪانٿس لاتعلق ٿي ويا. هو اتان ڀڄي نڪتو ۽ پيٽ پالڻ لاءِ مختلف قسمن جا ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين جن ۾ گهمندڙ ڦرندڙ ٿيٽرن ۾ بازيگري کان ولي هر قسم جي محنت ۽ مزدوري شامل هئي.

اڳتي هلي هن "احمد نگر" ۾ هڪ ريسٽورنٽ کوليو. جتي هندو مها سڀا جو سرگرم ڪارڪن بڻجي ويو ۽ ضلعي جو سيڪريٽري پڻ چونڊيو ويو. اتي سنڌس واقفيت "ناراڻ آپٽي" سان ٿي ۽ ٻئي گهاٽا دوست بڻجي ويا.

"وشنو ڪرشن ڪارڪري"، آپٽي جي مدد سان احمد نگر ميونسپل ڪاميٽي جي چونڊ ڪاميابي سان وڙهي 1946ع ۾ مسلمان ٽولن جي هٿان ڏاڍاين جو شڪار ٿيندڙ هندن جي مدد لاءِ هو هڪ رليف ڪاميٽي سان گڏ "نوا ڪالي" (اوير بنگال) ويو ۽ اتي ٽي مهينا رهيو. اتي هن مسلمانن هٿان هندو عورتن جي ڪجهي وڃڻ ۽ سندن لچالت جا واقعا پنهنجي اکين سان ڏٺا.

هو انتهائي ڪٽڙي مزاج سان واپس موٽيو ۽ پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ان وقت ڪيائين، جڏهن مهاتما گانڌي جواهو بيان ڇپيو؛ "مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندو عورتن جي اغوا جو هڪڙو بہ واقعو ڪو نہ ڏٺو."

وشنو ڪاڪري چيو تہ: ليجسليٽو اسيمبلي جي هڪ مسلمان بنگالي ميمبر "غلام سرور" ڪي ڏهہ هزارن جي ادائيگي جو مطلب اهو هيو تہ اها رقم اهڙي ماڻهو کي ڏني وڃي جيڪو بدنيت ڏوهاري هيو. چاڪاڻ تہ هندن خلاف تشدد جا ڪيترائي واقعا انهيءَ سان منسوب ڪيا ويا هئا."

5. مدن لال پاهوا:

مدن لال پنجاب جي "پاڪپتن" شهر مان آيل هندو شرنارٿي / پناهگير هيو. "پاڪپتن" اڄڪلهہ پاڪستان ۾ آهي. هو هڪ تيز طبيعت وارو شخص هيو. "رائل انڊين نيوي" ۾ شامل ٿيڻ جي خيال کان هو اسڪول مان ڀڄي نڪتو هيو.

جڏهن هو نيوي ۾ شموليت جو امتحان پاس ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو تہ "پونا" وڃي فوج ۾ ڀرتي ٿيو. ٿورڙي عرصي جي ٽريننگ کان پوءِ هن فوج ڇڏڻ جي درخواست ڏني. سندس گذارش قبول ڪري کيس فوج مان واپس ڪيو ويو. هو پنهنجي گهر پاڪستان هليو آيو ۽ 1947ع ۾ جڏهن وڏي پيماني تي فرقيوار هنگاما شروع ٿيا تہ هو اتان نڪري "فيروزپور" هليو آيو. پاڪستان ڇڏڻ کان اڳ هن پنهنجي پيءُ ۽ ماسي کي هڪ مسلمان گروهہ هٿان قتل ٿيندي ڏٺو هيو.

هندوستان ۾ هن نوڪري جي ڳاڍي ڳولها ڪئي پر ناڪام رهيو. لڳاتار ناڪاميءَ هن جي دل ۾ شديد نفرت جو جذبو پيدا ڪيو. ڊسمبر 1947ع ۾ هو آپٽي ۽ ڪاڪري سان مليو ۽ ورهاڱي جي نتيجي ۾ متاثر / مصيبت جو شڪار ٿيڻ وارن هندن سان سرڪار جي همدردي جي ظاهر ظهور ڪوٽ ڪي ڏسندي هن شرنارٿين / پناهگيرن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گروهن کي حڪومت جي خلاف مظاهرن جي نيت سان منظم ڪرڻ شروع ڪيو.

6. شنڪر ڪسيتا:

هيءُ ويچارو ڳوناٺو ۽ واڍي جو پٽ هو. هن ڪنهن به قسم جي تعليم حاصل ڪو نه ڪئي هئي ۽ اڻپڙهيل هيو. ننڍين ننڍين عارضي / مستقل نوڪرين ڪرڻ کان پوءِ هو "پونا" هليو ويو ۽ اتي ڪيس هڪ دوڪان تي نوڪري ملي وئي. اتي ئي سندس ملاقات "ڊگامبر باجي" سان ٿي، جيڪو ظاهر ۾ ته ڇرين ۽ چاقن وڪڻڻ جو ڌنڌو ڪندو هيو، پر سندس اصل ڪاروبار آتشي اسلحو ۽ بارود وغيره غيرقانوني طور وڪڻڻ هيو.

"ڊگامبر باجي" ڪيس پنهنجو ذاتي ملازم رکڻ جي آڇ ڪئي جيڪا هن قبول ڪري ورتي ۽ ٽيهه روپيا ماهوار عيوض سندس خدمت ڪرڻ لڳو. "شنڪر ڪسيتا" پنهنجو پاڻ کي هڪ هوشيار ۽ چالاڪ، چست پورهيت ثابت ڪيو. هو "باجي" جو ذاتي ڪم ڪرڻ کان سواءِ سندس ڪپڙا به ڌوئندو هيو. دوڪان جي سار سنڀال به لهندو هيو ۽ "باجي" لاءِ "رڪشا قلي" جو ڪم به ڪندو هيو.

پر اڳتي هلي جڏهن سندس پگهارون رهجي وڃڻ لڳيون ته هو مالڪ جي حساب ۾ هڪ پوڙهي عورت کان وصول ڪيل رقم ڪٽي کسڪي ويو. اها رقم جڏهن خرچ ٿي وئي ته وري باجي وٽ موٽي آيو، جنهن ڪيس وري ڪم سان لڳائي ڇڏيو. هن ڀيري هو ثابت قدم رهيو ۽ بندش پيل اسلحي ۽ هٿيار کي سندس گراهڪن وٽ پهچائڻ ۾ "ڊگامبر باجي" جو هڪ اعتماد جوڳو ڪارندو بڻجي ويو. ان وقت "حيدرآباد دکن" ۾ سول نافرماني جي وڳوڙن ۽ ملڪ جي ٻين حصن ۾ فرقيوار وڳوڙن سبب هٿيارن جو غيرقانوني ڌنڌو عروج تي هئو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. ڊاڪٽر دتاتريه پارچوري:

ڊاڪٽر پارچوري گواليار جو هڪ برهمڻ هيو، سندس پيءُ رياست جي تعليم کاتي ۾ هڪ اعليٰ عهدي تي بيٺل ۽ سماج ۾ انتهائي معزز شخصيت رکندڙ هيو. "پارچوري" ايم-بي-بي-ايس جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ رياست جي ميڊيڪل سروس ۾ ملازم ٿي ويو.

1934ع ۾ کيس ملازمت مان برطرف ڪيو ويو، جنهن کان پوءِ هن پرائيويٽ پريڪٽس شروع ڪري ڏني ۽ "هندو مها سڀا" جي سرگرمين ۾ وڏي جوش سان حصو وٺڻ لڳو. اڳتي هلي کيس لوڪل "هندو راشتريا سينا" جو ڊائريڪٽر چونڊيو ويو، ان ئي حيثيت ۾ سندس واقفيت گاڊسي ۽ آپٽي سان ٿي.

8. دنائيڪ ساورڪر:

دنائيڪ ساورڪر يا "وير ساورڪر" جنهن نانوَ سان هو اڳتي هلي مشهور ٿيو. هڪ بئريسٽر ۽ مؤرخ هيو، هو هڪ انقلابي گروهه ۾ شامل ٿيو.انگريز سرڪار کيس 14 سال قيد جي سزا ڏني بعد ۾ کيس نظر بند ڪيو ويو. 1937ع ۾ پنهنجي آزادي کان پوءِ هو "هندو مها سڀا" ۾ شامل ٿيو.

هن پنهنجو پاڻ کي هندو مها سڀا جي مقصد "متحده هندوستان" جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. ساورڪر، "هندو مها سڀا" جو ڪيترن ئي سالن تائين صدر رهيو. هو هڪ نهايت سٺو مقرر پڻ هيو جنهن سبب "هندو مها سڀا" جي فيصلن ۽ حڪمت عملين تي وڏي حد تائين اثر انداز رهندو هيو. هن بمبئي ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ سندس گهر "ساورڪر ساوان" ۾ سمورا هندو اڳواڻ ايندا رهندا هئا ۽ جيڪي ڪچهريون اتي رچايون ويندي يون هيون، سرڪار انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي شڪ جي نظر کان ڏسندي هئي.

9) ڊگامبر رام چندرا باجي (وعدي معاف گواهه):

اوڀر خانديش ۾ هڪ ننڍڙي ڳوٺ، "ڳوٺ چاليهه" جو رهواسي "مرهٽو" هيو. روزگار جي لاءِ "پونا" وڃڻ کان اڳ، ٿورڙي عرصي لاءِ هو اسڪول ۾ پڻ داخل ٿيو هو. مستقل نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ کيس سخت مشڪلاتون اڳيان آيون. ان لاءِ هو مختلف قسمن جون ننڍيون ننڍيون نوڪريون ڪندو رهيو.

هڪ دفعي "پونا سٽي ميونسپالٽي" جي چيئرمين جي گهر اڳيان هن"ستيه گرهه" (احتجاج) پڻ ڪيو، جو ته کيس جيڪا نوڪري ڏني وئي هئي، هو ان مان مطمئن نه هيو ۽ پوءِ اها به ڇڏي ڏنائين. ڪجهه عرصو هڪ خيراتي اداري لاءِ چندو ڪرڻ خاطر هڪ ننڍڙي پيتي کڻي گهر گهر رلندو به رهيو. جيترو چندو هو گڏ ڪندو هيو ان جو چوٿون حصو کيس اجوري طور ملندو هيو.

اڳتي هلي هن هڪ دوڪان تان ڪجهه چاقو، ڇريون خنجر ۽ هٿ واريون ڪلپون / لوها چنبا وغيره خريد ڪيا ۽ گهوررڙيو ٿي وڪڻڻ لڳو. انهيءَ ڌنڌي مان کيس ان کان به ڪجهه وڌيڪ رقم ملي، جيتري هو اڳ ۾ ڪمائي رهيو هئو. هورڙيان هورڙيان هن پنهنجي سرگرمين جو دائرو وسيع ڪري ڇڏيو ۽ نيٺ هڪ دوڪان کولي ورتائين.

اهي شيون جن جو هو ڪاروبار ڪري رهيو هو. انهن جي وڪري يا خريداري لاءِ کيس اجازت نامي / لائيسنس جي ضرورت نه هئي ۽ انهن ڏينهن ۾ سياسي ورڪرزين ۽ مسلمان دشمن تنظيمن کي انهن شين جي وڏي گهرج هئي ۽ اهي هندو جيڪي "حيدرآباد دکن" جي مسلمان رياست جي سرحد ويجهو رهندا هئا. اهي سندس خاص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرامڪ هئا.

"ڊگامبر باجي". "هندو مها سڀا" جي ڪارڪنن سان پڻ واسطي ۾ رهندو هو ۽ جتي به ان جماعت جو ساليانو اجلاس يا ڪا وڏي ميٽنگ ٿيندي هئي انهن ۾ ضرور شامل ٿيندو هو. اهڙي هر موقعي تي هو هڪ اسٽال پڻ لڳائيندو هو جنهن ۾ مشهور قسم جا چاقو، ڇريون، خنجر ۽ هٿ ۾ پائڻ وارا لوهه جا ڇنبا / ڪلپون وڪري لاءِ رکندو هيو.

هو بمبئي ۾ "وير ساورڪر"، "هندو مها سڀا" جي صدر جڻ جاءِ تي ترسيل هو جتي هو "نٿورام گاڊسي" ۽ "نارائڻ آپٽي" سان پهريون دفعو مليو. 1947ع ۾ هن پنهنجي ڪاروبار کي اڃان وڌايو. پنهنجي واپاري سامان ۾ بندش پيل هٿيارن ۽ بارود جو واڌارو ڪيائين. هو انهيءَ اسلحي کي، سنڌس بمبئي ۽ پونا وارن سياسي لاڳاپن معرفت وڪڻڻ لڳو. حب الوطني ۽ "هندو سنگهٺن" تي ڇپيل ڪتابن جي پيٽ ۾ وڪري لاءِ اسلحي ۾ وڏيڪ ڪشش ۽ نفعو هيو.

اهو هيو انهن ماڻهن جو ٽولو. جن جي متحد ٿيڻ ۽ گڏجڻ جو مرڪزي خيال رڳو ٿي رڳو نفرت هئي. جنهن بابت سندن خيال هيو ته اها گڏيل نفرت رڳو "گانڌي" جي مسلمان نواز پاليسين، انهن اڳيان گوڏا ٽيڪڻ ۽ انهن جي وڪالت سبب پيدا ٿي آهي. انهن اهو سمجهيو ٿي ته "گانڌي" جي انهن ڪمزور پاليسين سبب ڪين اڄ هي ڏينهن ڏسڻا پيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 3

## "سازش جا تفصيل ۽ گانڌي جو قتل"

جيڪي ثبوت ڪورٽ اڳيان پيش ڪيا ويا، انهن مان ان حقيقت جو انڪشاف ٿيو ته ان قسم جي صورتحال يعني "مهاتما گانڌي" جي قتل وسيلي سندس پاليسين جي پڄاڻي جو منصوبو "گاڊسي" ۽ "آپٽي" جي دماغن ۾ ڊسمبر 1947ع تي پيدا ٿيو.

ان کان پوءِ هفتي ڏهن ڏينهن وچ ۾ ڪجهه ٻيا ماڻهو به سندن گروهه ۾ شامل اچي ٿيا جنهن پوءِ انهيءَ رٿا جا تفصيل طئي ڪيا ويا. انهيءَ رٿابنديءَ موجب نشاني تي وار ڪرڻ جو فيصلو 13 جنوري تي ڪيو ويو.

"اها انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن ڪين معلوم ٿيو ته "مهاتما گانڌي" پارتي حڪومت مٿان دٻاءُ وجهڻ ۽ ڪيس مجبور ڪرڻ لاءِ پنهنجو "برت" (بک هڙتال) شروع ڪري ڏنو آهي ته جيئن اها، پاڪستان جي حصي جا 55 ڪروڙ روپيا روڪڻ واري پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪري."

"هندوستاني سرڪار "مهاتما گانڌي" جي مطالبي اڳيان ٿن ڏينهن کان پوءِ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا ۽ پنهنجو ڏوڪڙ روڪڻ وارو اڳيون فيصلو رد ڪرڻ جو اعلان ڪندي اهو به چيو ته معاهدي مطابق هندوستان ۽ پاڪستان وچ ۾ مالي ڏي وٺ جو نبيرو ٻڻ سنت ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ بارودي کيهه وارا بم ۽ چار عدد هينڊ گرنيڊ به هئا. جيڪي هنن حفاظت خاطر "ڏڪشت جي مهاراج" وٽ جمع ڪرائي ڇڏيا. "ڏڪشت جي مهاراج" هڪ وطن پرست مذهبي اڳواڻ ۽ "باجي" جو پراڻو سرپرست هئو.

"باجي" اها رات "مها سڀا" جي آفيس ۾ ترسيو. "ڳاڊسي" ۽ "آپٽي" ساڻس اتي اچي مليا جتي ٽئي ڄڻا گڏجي پنهنجي منصوبي جي تفصيلن تي بحث ڪرڻ لڳا. "مدن لال پاهوا" ۽ "وشنو ڪارڪري" جيڪي 10 جنوري ڪان بمبئي ۾ هئا، اهي به "هندو مها سڀا" جي آفيس ۾ پهچي صلاحن ۾ شريڪ ٿي ويا.

بعد ۾ اهي پنجئي ڄڻا "ڏڪشت جي مهاراج" سان ملڻ ويا ۽ اهو ٿيلهو جنهن ۾ بارود ۽ بم هئا، اتان کنيائون "ڏڪشت جي مهاراج" سان سندن ڪچهري دوستاڻي انداز ۾ ٿي. مهاراج اهو يقين ڪندي ته اهي بم حيدرآباد دکن جي مسلمانن خلاف استعمال ڪيا ويندا، ان حد تائين ڪليو جو هڪ دستي بم جي استعمال جو بهترين طريقو ۽ ان جي اڇلڻ جو ڍنگ به کين ٻڌايائين. پر جڏهن "آپٽي" ڪانئس هڪ پستول اڌارو گهريو ته هن ڪيس ٽاري ڇڏيو.

"ڏڪشت جي مهاراج" جي ذهن ۾ انهن پنجن ماڻهن سان ملاقات ان ڪري تازي رهي جو هڪ نجومي کيس ٻڌايو هئو ته هو 15 جنوري تي جسماني تڪليف ۾ مبُتلا ٿيندو. ان ئي ڏينهن هو ڪري پيو ۽ کيس ڌڪ لڳو. بعد ۾ کيس چڱي ريت ياد نه آيو ته جڏهن باجي ۽ سندس ساٿي کيس ملڻ آيا هئا ته ٺيڪ ٻه ڏينهن اڳ کيس ڌڪ لڳو هو. پر پوءِ ڪيس جي ٻڌڻي وقت هن جڏهن شاهدي ڏني ته کيس اهو پراڻو واقعو ياد ڪرڻ ۽ سمورن تفصيلن سان ٻڌائڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پاهوا" ۽ "ڪارڪري" کي بمبئي ۾ هاڻي ڪو به ڪم نه هئو. "پاهوا" دهلي ۾ پنهنجي مٽن مائٽن سان مليو، ساڻن پنهنجي شادي جي باري ۾ ڳالهائڻ ٿي گهريو. تنهن ڪري ٻئي ڄڻا 15 جنوري جي شام ٽرين وسيلي بمبئي مان دهلي روانا ٿي ويا. 17 جنوري تي دهلي پهچڻ کان پوءِ "هندو مها سڀا" جي آفيس ۾ رهائش اختيار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيڻ سبب هنن "چاندني چوڪ" جي هڪ سستي هوٽل تي رهڻ لاءِ هڪ ڪمرو ڪرائي تي ورتو، جتي "ڪارڪري" پنهنجو نالو صحيح لکرايو. پر مستقل ايڊريس واري ڪالم ۾ پنهنجي ايڊريس غلط لکيائين.

"باجي" ۽ سندس نوڪر "شنڪر"، "پونا" هليا ويا ۽ پنهنجو اسلحو بارود حيدرآباد دکن، اسٽيٽ ڪانگريس جي هڪ همدرد شخص جي حوالي، ڪري، 17 جنوري جي صبح جو واپس بمبئي پهتا. جتي اڳواٽ طئي ڪيل پروگرام موجب ريلوي اسٽيشن تي آپٽي ۽ گاڊسي سان مليا.

ڪين پنهنجي پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڪجهه ڏوڪڙن جي ضرورت هئي. ان واسطي هو پئسا گڏ ڪرڻ لاءِ بمبئي شهر جي چڪر تي نڪتا. حيدرآباد دکن ۾ مسلمان حڪومت خلاف تحريڪ هلائڻ لاءِ فنڊ جي ضرورت واري بهاني سان هنن 2100 روپيا گڏ ڪري ورتا.

انهيءَ ڏينهن گاڊسي ۽ آپٽي هوائي جهاز ۾ بمبئي کان دهلي تائين سفر ڪيو ۽ پنهنجون ٽڪيٽون فرضي نالن سان خريد ڪيون. گاڊسي پنهنجون پاڻ کي "اي - اين ڪارمارڪر" ۽ "آپٽي" پنهنجون پاڻ کي "ايس - مرادي" ظاهر ڪيو. دهلي ۾ ٻئي ڄڻا مرينا هوٽل ۾ ترسيا ۽ اتي وري پنهنجا نالا مٽرائي لکرايائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مرينا هوٽل ۾ "ايس - ڊيش - پانڊي" ۽ "ايم - ڊيش - پانڊي" جي نالن سان پنهنجي داخلا ڪرائي. 19- جنوري جي شام جو ٻئي ڄڻا هندو مها سڀا ڀون ويا ۽ اتي ترسيا.

جيئن مان مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته "گوپال گاڊسي" پونا ويجهو هڪ آرمي ڊيپو ۾ اسٽور ڪيپر هئو. هن ستن ڏينهن جي موڪل لاءِ 14 جنوري تي درخواست ڏني، پر سندس موڪل ان بنياد تي منظور نه ڪئي وئي ته ڪيس 16 جنوري تي آفيسرن جي هڪ بورڊ اڳيان پيش ٿيڻو هيو. هن 16 جنوري تي ٻيهر 17 جنوري کان هفتي لاءِ موڪل جي درخواست ڏني، جيڪا منظور ڪئي وئي. اهڙي طرح "گوپال گاڊسي پڻ 18- جنوري جي شام جو دهلي پهچي ويو.

سندس ٽرين ليٽ هئي. جڏهن اها نئين دهلي اسٽيشن تي پهتي ته هو ننڊ ڪري رهيو هئو. سندس ڀاءُ "نٿو رام گاڊسي" جيڪو ڪيس وٺڻ آيو هئو، ڪيس نه ڏسي سگهيو ۽ موٽي ويو. ٽرين سڌو پراڻي دهلي وڃي بيٺي. "گوپال گاڊسي" لٿو ۽ پناهگيرن جي ٽولي سان گڏ پليٽ فارم تي سمهي رهيو. ٻئي ڏينهن صبح جو هو "هندو مها سڀا ڀون" ويو ۽ پنهنجي دوستن سان مليو. سندن رهائش جو انتظام ڀون ۾ ئي ڪيو ويو هئو. چاندني چوڪ جي جنهن هوٽل ۾ "پاهوا" ترسيل هئو اتي سيني گڏجي وڌيڪ صلاحون ڪيون.

اهڙي طرح ستن ئي سازشي 19 جنوري تائين دهلي پهچي چڪا هئا. جن پنهنجو پاڻ کي ٻن پستولن، ڪجهه دستي بمن ۽ ڪجهه بارودي ڪپهه وارن بمن سان مسلح ڪري رکيو هئو. "گوپال گاڊسي" وٽ انهن هٿيارن مان هڪ ڪارآمد پستول ان وقت کان هٿ ڪيل هئو، جڏهن سندس مقرري ڪنهن ٻاهرئين ملڪ ۾ هوندي هئي. اهو پستول هو پنهنجي ڀاءُ "نٿورام گاڊسي" جي گذارش تي ساڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽي آيو هئو. جڏهن تہ پيو پستول "باجي" پنهنجي "شرما" نالي گراهڪ کان اڌارو وٺي آيو هئو. جيڪو پاڻ "شرما" کي ڪجهہ وقت اڳ وڪرو ڪيو هئائين. جڏهن تہ سموزرا بہ پڻ "باجي" هٿ ڪيا هئا.

آپٽي، ڪارڪري، باجي ۽ شنڪر ماحول جو جائزو وٺڻ لاءِ 20 جنوري جي صبح جو برلا هائوس (گانڌيءَ جي رهائش گاه) جو معائنو ڪيو. برلا هائوس ڏانهن رستو "البوڪرڪ" روڊ جي طرف کان پٺي ويو انهن ڏينهن ۾ روڊ جو نالو اهوئي هوندو هيو.

اصل جڳهہ کان ٿورو پريرو نوڪرن جا ڪوارٽر هئا ۽ انهن ڪوارٽرن جي پٺين پاسي هڪ ورانڊو هيو. ان ورانڊي جي سامهون هڪ وڏو ٿلهو اڏيو ويو هئو. اها ئي اها جاءِ هئي جتي مهاتما گانڌيءَ جون "پرارٿنا سڀائون" منعقد ٿينديون هيون. پاڻ "مهاتما گانڌي" ورانڊي جي ڇت هيٺان ڪاٺ جي هڪ صندل تي ويهندو هيو. جڏهن تہ سندس "دعائن جي مجلس" ۾ شريڪ ماڻهو پليٽ فارم تي ويهندا هيا. گانڌي جي صندل جي پويان پٺ ۾ هڪ چاريدار دري هئي جنهن جي پويان ڪمري مان هوا جي اچ وڃ هوندي هئي. ان گهر جو پويون ڦاٽڪ هڪ گهٽيءَ ۾ کلندو هيو. "پرارٿنا سڀائن" ۾ باقاعدگي سان اچڻ وارا ڪيترائي ماڻهو انهيءَ ڦاٽڪ مان اندر ايندا هئا.

سڀني سازشي پوئين دروازي مان جڳهہ ۾ داخل ٿيا ۽ ڪمري جي ٻاهران چارين وارين دري جو معائنو ڪيو. انهيءَ ڪمري جي اڳيان هڪ ڪاٺو ماڻهو ويٺو هئو. ان لاءِ هنن ان وقت ڪمري ۾ داخل ٿيڻ دانشمندي جي خلاف سمجهيو. ڇاڪاڻ تہ ان صورت ۾ سندس ڌيان انهن ڏانهن وڃي ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هو وراندي جي ذريعي پوئين پاسي کان اندر ويا ۽ اهو ڏسندي ته ڪين ڪو به نه ڏسي رهيو آهي. آپٽي هڪ ذرري سان چارين واري دري کي ماپيو ته هو ان نتيجي تي پهتو ته چاري جي سوراخن مان نه رڳو گوليون هلائڻ ممڪن آهي بلڪ جنهن ماپ جا دستي بم هو ساڻ کڻي آيا هئا اهي به اڇلي سگهجن ٿا.

سندن وچ ۾ اهو طئه ٿيو هو ته ڪاڪري ۽ آپٽي اڳوات مقرر ڪيل اشارن (Codes) کي مناسب موقعي تي استعمال ڪندي انهيءَ سموري عمل جي رهنمائي ۽ اڳواڻي ڪندا.

باجي، هڪ پستول ۽ هڪ دستي بم کڻي "مهاتما گانڌي" جي ويهڪ جي پويان نوڪرن جي ڪوارٽرن ۾ ان بهاني داخل ٿيندو ته هو انهن چارين جي سوراخن مان "پرارٿنا سڀا" جو فوٽو ڪيڻ چاهي ٿو. هجوم جي ڌيان هٽائڻ ۽ افراتفري مچائڻ لاءِ "مدن لال پاهوا" پوئين دروازي جي ويجهو بارودي ڪپهه وارو بم اڇليندو ۽ انهي وچ ڏڪ ۾ "باجي" پنهنجي پستول سان پويان "مهاتما گانڌي" تي گولي هلائيندو ۽ ان کان فوراً پوءِ مٿس دستي بم اڇليندو، سندس ملازم "شنڪر" ساڳئي نموني، سامهون پستول سان "مهاتما گانڌي" تي گولي هلائيندو ۽ دستي بم اڇلائيندو.

ان کان پوءِ گوپال ڪاڪري، پاهوا ۽ ڪارڪري پڻ دستي بم اڇلائيندا ۽ پوءِ جنهن مناسب نموني ٿي سگهيو، سڀئي پاڻ بچائي نڪري ويندا.

باجي ۽ گوپال ڪاڪري جيڪي پستول کڻي آيا هئا انهن تي اڃان تجربو نه ڪيو ويو هئو. اڃان اهو به ڏسڻو هيو ته اهي پستول ڪم به ڪندا يا نه. ان لاءِ "برلا هائوس" جي معائني کان پوءِ آپٽي، باجي، گوپال ڪاڪري ۽ شنڪر، مهاسڀا جي آفيس جي پويان جهنگ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هليا ويا تہ جيئن هٿيارن جي آزمائش ڪري سگهن.

جهنگ ۾ ڏنو ويو تہ "گوپال گاڊسي" واري پستول جو چيمبر خراب هئو. جڏهن تہ باجي جي پستول سان جيڪو فائر ڪيو ويو اهو نشاني کان گهڻو پٺتي ڪريو. آپٽي اعلان ڪيو تہ هي پستول بہ ڪم جو نہ آهي. "گوپال گاڊسي" چيو تہ مان هٿيارن جي مرمت ڪري سگهان ٿو. هن شنڪر کي مهاسڀا جي آفيس ۾ پيل تيلهي مان تيل جي بوتل ۽ هڪ ننڍڙو چاقو آڻڻ لاءِ موڪليو.

"گوپال گاڊسي" جڏهن هٿيارن جي مرمت ۾ مصروف هيو تہ ڪين هڪڙو فاريسٽ گارڊ پاڻ ڏانهن ايندي ڏسڻ ۾ آيو. تڪڙ ۾ هٿيار لڪايا ويا ۽ "مدن لال پاهوا" گارڊ جي شڪ کي پاسي ڪرڻ لاءِ کيس پنجابي ۾ ڪجهہ چيو. گارڊ پنهنجي ڊيوٽي موجب اڳتي وڌي ويو ۽ جنهن کان پوءِ سنت نئي هٿيارن جي مرمت جو ڪم پورو ٿي چڪو هئو. پر هاڻي ڪو بہ تجرباتي فائر نہ ڪيو ويو.

سندن آخري ملاقات ٽيهري کان ڪجهہ وقت اڳ مرينا هوٽل ۾ ٿي. "نٿورام گاڊسي" سخت مٿي جي سور جي شڪايت سبب پنهنجي ڪٺولي تي سمل رهيو ۽ سندس ٻيا ساٿي سندس چوڌاري ويٺا رهيا. ان وچ ۾ هو پنهنجي منصوبي جي تفصيلن تي پڻ غور ڪندا رهيا ۽ هٿيار، بارود وغيره ورهائي ڪنيائون.

"نٿورام گاڊسي" ڪين پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ڏيان ۽ احتياط سان سرانجام ڏيڻ جو تاڪيد ڪندو رهيو. هر هڪ کي فرضي نالو الاٽ ڪيو ويو. جيڪو ماڻهن جي هجوم ۾ گهرج وقت هڪٻئي کي سڏڻ لاءِ ڪم اچي ها. سڀني پنهنجا ڪپڙا مٽايا بلڪہ "ڪارڪري" تہ هترادو مچون بہ لڳايون. پنهنجا پرون ڪارا ڪيائين. نرڙ تي ڳاڙهي سيندور جو ٽڪو بہ لڳايائين تہ جيئن سڀني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِ نج برهمڻ ڏسڻ ۾ اچي.

20- جنوري جي شام جو "پرارٿنا سڀا" ۾ اچڻ وارن جو انگ وڌيڪ هئو. ڇاڪاڻ تہ 12 تاريخ کان پوءِ (جڏهن مهاتما گانڌي برت رکيو هئو) ماڻهن ۾ سندس اچڻ جو اهو پهريون موقعو هيو. ان وقت اوچتو بجلي بند ٿي وڃڻ سبب لائوڊ اسپيڪر بيڪار ٿي ويا ۽ "مهاتما گانڌي" جي جهيڻي آواز کي سندس اڳيان ويٺل چند ماڻهو ٻڌي ٿي سگهيا. پر ڪانگريس جي هڪ مشهور ڪارڪن ۽ گانڌي، جي هڪ ويجهي ساٿي "ڊاڪٽر سوشيلا نائر" سندس تقرير کي، ٻڌندڙن تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجي آواز ۾ ورجائڻ لڳي.

"مهاتما گانڌي" پنهنجي تقرير ۾ دهلي جي رهاڪن پاران ڪنيل حلف جو ذڪر ڪيو. جيڪو هنن امن امان قائم رکڻ لاءِ ڪنيو هئو. گانڌي چيو تہ جيڪڏهن دهلي وارن انهي حلف تي سچائي سان عمل ڪيو تہ ان جا اثر سڄي دنيا ۾ محسوس ڪيا ويندا. پر ڪيس افسوس هيو تہ "هندو مها سڀا" پنهنجي هڪ عهديدار وسيلي انهيءَ حلف کي رد ڪري ڇڏيو هئو. مهاتما گانڌي اهو بہ چيو تہ مسلمانن سان دشمني جو مطلب هندوستان سان دشمني هوندو. پنهنجي تقرير جاري رکندي "مهاتما گانڌي" هڪ تجويز جو ذڪر ڪيو ۽ چيائين تہ مون کي پاڻ پاڪستان وڃڻ گهرجي تہ جيئن اتي غير مسلمن سان ٿيندڙ واقعن کي روڪرائي سگهجي.

انوقت اوچتو هڪ زبردست ڌماڪو ٿيو. ٿورڙي دير لاءِ ماڻهن ۾ بيچيني پکڙجي وئي پر "مهاتما گانڌي" کين چيو تہ سيڙي پنهنجي جاين تي ويٺا هجن ۽ پنهنجي تقرير جاري رکيائين. جڏهن اها ختم ٿي تہ "ڊاڪٽر سوشيلا نائر" پنهنجي يادگيري سان لکيل تقرير جي خلاصي کي ٻڌندڙن اڳيان ورجايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌندڙن جي هڪ وڏي حصي کي جيڪي "مهاتما گانڌي" جي بلڪل اڳيان ۾ ويجهو ويٺا هئا. ان ڳالهه جو ڪو پتو ڪو نه هئو ته انهيءَ زبردست ڌماڪي جو سبب ڇا آهي ۽ ڪٿي ٿيو آهي. خود گانڌي جو به اهو خيال هئو ته اهو ڌماڪو فوجين جي ڪنهن مشق سبب ٿيو آهي، ان لاءِ ان بابت پريشان ٿيڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي.

صرف انوقت جڏهن مجلس پوري ٿي رهي هئي ته ماڻهن کي پتو پيو ته هڪ پنجابي نوجوان "برلا هائوس" جي پوئين ڦاٽڪ وٽ هڪ بم جو ڌماڪو ڪيو هئو، جنهن کي پڪڙي پوليس حوالي ڪيو ويو آهي ۽ ڪو به ماڻهو زخمي نه ٿيو آهي. ان جي ڪوٽ جي کيسي مان هڪ ٻيو به بم مليو آهي. ان نوجوان جو نالو "مدن لال پاهوا" آهي. جيڪو اڌ چرئي قسم جو پناهگير آهي. جنهن پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڀئي ڪيو. ڪيس پوليس پڪڙي وٺي آهي. ماڻهو انهيءَ واقعي تي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪندا گهرن ڏانهن روانا ٿي ويا.

انهن سازشين جو وڏي محنت سان تيار ڪيل منصوبو مڪمل طور ناڪام ٿي چڪو هئو. ست ئي سازشي پوري وقت تي "برلا هائوس" ۾ پهتا ۽ انهن پاڻ ۾ ڪيل فيصلن جي روشني ۾ پنهنجو پنهنجو ڪم سنڀالي ورتو هئو، پر عين موقعي تي "ڏگامبر باجي" ياڙيو ٿي پيو، هن ٻن ماڻهن کي ڏٺو جيڪ انهيءَ دروازي تي بيٺا هئا، جيڪو "مهاتما گانڌي" جي ويهڪ واري ٿلهي پويان هئو. انهن ماڻهن مان هڪ اهوئي ڪاڻو هئو، جيڪو ڪين صبح جو نظر آيو هئو.

باجي محسوس ڪيو ته جيڪڏهن، هن پنهنجي پستول سان فائر ڪيو ۽ چارين مان بم اڇليو ته ان صورت ۾ هو ڪمري ۾ ڦاسي ويندو ۽ سندس بچڻ ناممڪن هوندو. هن گاڏسي کي ٻڌايو ته هو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن به قيمت تي ڪمري ۾ داخل نه ٿيندو. سندس انڪار تي تڪر ۾ مشورو ڪيو ويو ۽ ڪيس ميڄائڻ جي ڪوشش وٺي ته هر قيمت تي منصوبي مطابق عمل ڪيو وڃي، پر هن نابري واري ڇڏي، لاچار کين سندس انڪار قبول ڪرڻو پيو.

" مدن لال پاهوا" کي چيو ويو هئو ته هو بارودي ڪپهه واري بم سان ڌماڪو ڪري ۽ جڏهن ڌماڪو ٿئي ته سندس ٻيا ساٿي هڪ عام افراتفري مچڻ جو انتظار ڪن، جنهن ۾ کين پنهنجو ڪم ڪرڻ جو موقعو ملي. پر عجيب ڳالهه اها ٿي ته نه ئي ڏک مچي نه افراتفري پيدا ٿي ۽ نه ڪو هراس پکڙيو رڳو چند ماڻهو اٿي هليا ويا. "پاهوا" کي پڪڙي پوليس حوالي ڪيو ويو ۽ "پرارٿنا سڀا" جاري رهي، ڄڻ ڪو واقعو ٿي ڪو نه ٿيو. سازشين جا اندازا غلط ٿي ويا ۽ اهي دهشت وچان ڀڄي نڪتا.

"باجي" ۽ "شنڪر" کي جيڪو پهريون ٽانگو ڏسڻ ۾ آيو. ان تي چڙهي ٻيا ۽ هندو مها سڀا جي آفيس مان پنهنجو سامان کڻي رات واري گاڏي ۾ "پونا" روانا ٿي ويا. "نٿورام گاڊسي" ۽ "آپٽي" ڪانپور هليا ويا، جتي هڪ ڏينهن ترسي بمبئي روانا ٿي ويا. جتي اهي 22 جنوري تي پهتا.

" وشنو ڪارڪري" ۽ "گوپال گاڊسي" 20 جنوري واري رات هوٽل ۾ ترسيا ۽ اتي فرضي نالن جي داخلا ڪرايائون. "گوپال گاڊسي" پنهنجو نالو "جي-ايم-شاستري" جڏهن ته "ڪارڪري" پنهنجو نالو "راج گوپالن" لکرايو. ٻئي ڄڻا ٻئي ڏينهن 21 جنوري تي ريل وسيلي پونا واپس پهتا.

"مدن لال پاهوا" جي گرفتاري ۽ منصوبي جي ناڪامي سازشين کي جهوري ته وڌو پر اهي پنهنجي مقصد تي جميل رهيا. مٿين هفتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوران انهن تڪڙ ۾ مشورا ڪيا ۽ اهو طئه ٿيو تہ ڪين ستت ئي وار ڪري ڇڏڻ گهرجي. ڪين خدشو هيو تہ پوليس جي پڇا ڳاڇا ۾ "مدن لال پاهوا" پنهنجي خاموشي ڪي ڊگهي عرصي تائين قائم رکي نہ سگهندو ۽ جلدئي پوليس سندن ڳولها ۾ ڪامياب ٿي ويندي.

"نٿو رام گاڊسي" انهيءَ رٿا جي سڄي ذميواري پنهنجي سر تي کڻڻ جو اعلان ڪندي چيو تہ مان اڪيلي سر اهو ڪم سرانجام ڏيندس.

هن دليل ڏنو تہ يقين هيءَ هڪ مناسب ۽ واحد طريقو آهي جنهن سان هو ان منصوبي کي پنهنجي خواهش مطابق ڪاميابي سان پورو ڪري سگهي ٿو.

بعد ۾ "ڪارڪري" پوليس اڳيان ڏنل بيان ۾ انهيءَ ڳالهہ بولهہ جا تفصيل بيان ڪيا. جيڪا گاڊسي ۽ آپٽي سانٽس بمبئي ويجهو "ٿاڻي" جي ڳوٺ وٽ 26 جنوري تي ڪئي هئي. 20 جنوري واري واقعي کان پوءِ سندن اها پهرين ڪچهري هئي.

ڪارڪري ٻڌايو تہ: "اسان پنڌ هلندا وياسين. ايسٽائين جو "ٿاڻي" ريلوي اسٽيشن جي مال گودام واري پليٽ فارم تي ٺهيل سيمينٽ جي دڪيءَ تي وڃي وياسين. اها بلڪل جدا ۽ الڳ ٿلڳ جاءِ هئي. انوقت رات جا اٽڪل پوڻا ڏهہ ٿي رهيا هئا ۽ چانڊوڪي پڻ هئي. اها جاءِ آپٽي ۽ گاڊسي تجويز ڪئي هئي ڇاڪاڻ تہ هنن نٿي چاهيو تہ سندن گفتگو جو ٽڪرو بہ ڪنهن ٻئي جي ڪنن ۾ پئي."

"جڏهن اسان پليٽ فارم تي وياسين تہ مون آپٽي ۽ گاڊسي کان پڇيو تہ 20 جنوري واري ڌماڪي کان پوءِ هو دهلي کان ڪيئن واپس آيا هئا. گاڊسي نهايت سڪون سان مون کي وراڻيو تہ هو ان سلسلي ۾ ڪجهہ بہ نہ ڳالهائيندو. هو رڳو موجوده حالتن ۽ ايندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رتائن تي ڳالهائيندو.“

”گاڏسي جي اها سوچ صحيح هئي. ڇو ته مدن لال گرفتار ٿي چڪو هئو ۽ هو اسان سيني جا نالا ظاهر ڪري پئي سگهيو. گاڏسي چيو ته جيڪڏهن ائين ٿيو ته اسان پوليس هٿان گرفتار ٿي ويندا سين ۽ گانڌي جي قتل بابت اسان جي رٿابندي اتي جو اتي رهجي ويندي.“

”پوءِ گاڏسي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته منصوبي جي ڪامياب بڻائڻ لاءِ نو يا ڏهه ماڻهو نه هجڻ گهرجن. تاريخ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته اهڙيون انقلابي سازشون جن سان گهڻن ماڻهن جو لاڳاپو هئو. اهي سدائين ناڪام ٿيون آهن پر انهن جي ابتڙ جتي رڳو هڪ شخص انفرادي ڪوشش ڪئي آهي. ان ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي.“

”نٿورام گاڏسي“ تاريخ مان ڪيئي مثال پيش ڪيا ۽ اسان کي ٻڌايو ته رڳو انهن ماڻهن جي جدوجهد ڪامياب ٿي آهي جن اڪيلي سر ڪم ڪيو آهي جيئن ”مدن لال ڍينگرا“ ۽ ”واسو ديو راءِ گوگاٽي“ ڪامياب ٿيا هئا. ڇاڪاڻ ته اها انهن ماڻهن جي انفرادي ڪوشش هئي. انهيءَ دليل جي بنياد تي گاڏسي اهو فيصلو ڪيو ته ”مهاتما گانڌي“ کي هو اڪيلو ئي قتل ڪندو.“

”هن مون کي چيو ته جيڪڏهن مان پسند ڪريان ته ”احمد نگر“ واپس هليو وڃان ۽ اتي ”هندو مها سڀا“ جو ڪم ڪندو رهان. هن مون کي اها گذارش به ڪئي ته مان ”هندو راشٽرا پرڪاشم“ جا شيئر وڪڻڻ جو ڪم به اڳتي وڌايان ۽ ”آپٽي“ جي بدران پيو سنئو لکڻ وارو ڳولهيان. گاڏسي جي اها تجويز ٻڌي مان حيران رهجي ويس ۽ مون ڏٺو ته آپٽي خاموش هئو.“

مون سوچيو ته ”گاڏسي ۽ آپٽي“ ان مامري تي ضرور ويچاريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو ۽ پيو تہ آپٽي کي گاڊسي جي ارادن جي ضرور ڄاڻ / خبر هوندي مون کي پنهنجي دل ۾ محسوس ٿيو تہ آپٽي، "نٿورام گاڊسي" جو سات ڏينڻ جو ارادو ڪري ورتو آهي. مون اهو بہ پڏو هئو تہ گاڊسي، "مها راشٽر" ۾ ماڻهن کي پنهنجو منهن ڏيکارڻ کان گهبرائي / شرمائي ٿو، انڪري مون ڪانئس پڇي ورتو تہ ڇا تون ان سبب پنهنجو پاڻ کي مرڻ لاءِ تيار ڪري رهيو آهين."

گاڊسي ڪجهہ پريشان ضرور هئو، پر سندس ارادا مضبوط ڏسڻ پئي آيا. هن وراڻيو: "تون اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر. تنهنجي حوالي جيڪو ڪم ڪيو ويو آهي، اهو ئي ڪم ڪر." "مان ڪانئس اهو ئي ڄاڻڻ لاءِ زور ڀريندو رهيس تہ هو "مهاتما گانڌي" کي ڪيئن قتل ڪندو. ان تي گاڊسي مون کي ٻڌايو تہ هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ ڪيس پستول ملي ويندو يا وري ڪو ٻيو ذريعو ڳولهي وٺبو. جنهن سان "مهاتما گانڌي" کي پورو ڪري سگهجي ۽ جيستائين سندس مقصد حاصل نہ ٿيندو، هو مهاراشٽر جي حدن ۾ داخل نہ ٿيندو."

"مون محسوس ڪيو تہ مون کي بہ ساڻن گڏ رهڻ گهرجي. ان ڪري مون گاڊسي کي ٻڌايو تہ مان بدترين حالتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ مان سندن منصوبي ۾ هر حال ۾ شامل رهندس. مون کي ٻڌايو ويو تہ "باجي" ۽ "شنڪر" صحيح سلامت "پونا" پهچي چڪا آهن ۽ اتي هو پنهنجا ڪم سر انجام ڏيئي رهيا آهن."

"گاڊسي" مونکي اهو بہ ٻڌايو تہ "گوپال گاڊسي" پڻ پونا هليو ويو آهي ۽ اتي پنهنجا ذاتي مسئلا نبيري رهيو آهي. اهو ٻڌي مون ۾ جوش پيدا ٿيو ۽ مون ان ارادي جو اعلان ڪيو تہ جيڪو ڪجهہ توهان ڪندؤ مان بہ اهو ئي ڪندس، پوءِ ڀلي ان ۾ منهنجو سر ڇو نہ هليو وڃي، انتي "آپٽي" مون کي ٽي سؤ روپيہ ڏنا ۽ چيائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ايندڙ ڏينهن تون دهلي هليو ويچ.

"گاڊسي" ۽ "آپٽي" ٻئي ڄڻا ان وقت بمبئي جي هڪ هوٽل ۾ "وي و نائيڪ رائو" ۽ "ڊي ونائيڪ رائو" جي فرضي نالن سان ترسيل هئا ۽ 25 جنوري تي ساڳين ئي فرضي نالن سان هنن دهلي لاءِ هوائي جهاز ۾ 27 جنوري جي صبح واري فلائيٽ ۾ بہ ٽڪيٽون پڻ بڪ ڪرائي ڇڏيون هئائون.

ان وچ ۾ پوليس، گاڊسي ۽ آپٽي پاران ڏيکاريل خدشن موجب وڏي پيماني تي تحقيقات ۾ رڌل هئي. پاهوا، پنهنجي گرفتاري کان پوءِ پوليس اڳيان جيڪو بيان ڏنو هئو، ان مان جاچ جوچ ڪجھ اڳتي وڌي نہ سگهي هئي. ان جو سبب سندس هڪ غير ذميوارانو قدم هئو جيڪو هن 20 جنوري جي واقعي کان اڳ کنيو هئو.

آڪٽوبر 1947ع جي شروعات ۾ بمبئي جي هڪ ڊاڪٽر" جي - سي - جين". سان پاهوا جو رابطو ٿيو. مدن لال پاهوا، کيس اهو چيو تہ مان هڪ اهڙو پناهگير آهيان جيڪو پنهنجو سڀ ڪجھ پاڪستان ۾ لٽائي / ڦرائي آيو آهيان. ان لاءِ توهان منهنجي مدد ڪريو، مان جنهن بہ طريقي ٿي سگهي پنهنجي روزي ڪمائڻ گهران ٿو.

"ڊاڪٽر جين" هندي جو پروفيسر هجڻ سان گڏ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف بہ هئو، جنهن کيس آڇ ڪئي تہ تون منهنجي ڪتابن جو ايجنٽ ٿيءُ ۽ ڪتابن جي وڪري مان حاصل ٿيندڙ ڪميشن مان پنهنجو گذر سفر ڪندو رهہ. پاهوا، سندس آڇ قبول ڪري ورتي، پر اهو ڪم کيس گهٽو نفعو نہ ڏئي سگهيو. البت کيس اهو فائدو ٿيو جو ٻئي دوست ٿي ويا ۽ پاهوا سندس اڳيان پنهنجي خيالن ۽ نڪتي نظر جو اظهار ڪرڻ لڳو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مدن لال ڀاهوا، ڊاڙون هٽندي ڪيس پنهنجي بهادريءَ جا قصا ٻڌايا. هن ڊاڪٽر جين کي ٻڌايو تہ احمد نگر جي هڪ عام جلسي ۾ پاڻ "رائو صاحب پٽواردن" مٿان حملو ڪري ڪيس ڌاهوڪي مار ڏني هئائين. چاڪاڻ تہ "رائو صاحب پٽواردن" هندو مسلم ڀائيچاري جي تلقين ڪري رهيو هئو.

ڀاهوا وڏي فخر سان ڪيس ٻڌايو تہ جڏهن هن معزز هندو اڳواڻ کي مار ڏني تہ پوليس بلڪل وچ ۾ نہ آئي هئي. چاڪاڻ تہ سيئي پوليس وارا هندن جي مفادن سان همدردي رکڻ وارا هئا. ڀاهوا هندن، خاص ڪري شرنارٿين (پناهگيرن) جي حفاظت جي لاءِ هڪ والينٽيئر ڪور بہ منظم ڪئي هئي.

ڀاهوا. جنوري جي شروعات ۾ هڪ دفعي وڏي پراسرار لهجي ۾ "ڊاڪٽي جين" سان هڪ اڳواڻ کي قتل ڪرڻ بابت ڳالهايو. "ڊاڪٽر جين" جي چوڻ موجب هن سمجهيو، تہ ڇوڪرو نوجواني جي جوش ۾ آهي ۽ ڪيس مٿس ڪو يقين نہ آيو. پر چند ڏينهن کان پوءِ جڏهن ڀاهوا مليو تہ "ڊاڪٽر جين" ڪانٽس ان ليڊر جو نالو پڇيو جيڪو سندس سازش جو نشانو ٻڻجڻ وارو هئو.

جواب ۾ جڏهن ڀاهوا "مهاتما گانڌي" جو نالو ورتو تہ ڊاڪٽر جين کي بلڪل يقين نہ آيو. هن ڪيس وڏن واري نصيحت ڪندي چيو تہ: "تون بيوقوف ٻارن جهڙو رويو اختيار نہ ڪر، تون پناهگير آهين. پنجاب جي فسادن ۾ تو وڏيون تڪليفون سٺيون آهن. جيتوڻيڪ تون پاڻ تشدد جو شڪار رهيو آهين، پر پوءِ بہ تو کي تشدد جو علاج تشدد ۾ نہ ڳولهڻ گهرجي."

جڏهن ڀاهوا هليو ويو تہ ڊاڪٽر جين سوچيو تہ نوجوان جي بيان ڪيل داستان ۾ جيڪڏهن ڪا سچائي بہ هئي تہ مون ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو ارادو متائڻ تي آماده ڪري ورتو هوندو ۽ ان ڳالهه کي معمولي نوعيت جو معاملو سمجهي ڇڏي ڏنائين.

پر جڏهن هڪ هفتي کان پوءِ هن "برلا هائوس" ۾ ٽين واري شرمناڪ واقعي ۾ مدن لال پاهوا جي گرفتاري جي خبر پڙهي تہ ڪيس سخت ڪاوڙ آئي، تہ هوا ايترا ڏينهن مجرمائي طور خاموش ڇو ويٺو رهيو.

ان لاءِ هن سڀ کان اڳ ۾ بمبئي جي ان وقت جي چيف منسٽر، مسٽر "جي - جي - کر" کي فون ڪئي ۽ پوءِ سندس آفيس وڃي ساڻس ڳالهايائين. هو مسٽر "مرار جي ڊيسائي" سان بہ مليو جيڪو انهن ڏينهن ۾ بمبئي صوبي جو وزير داخلہ هيو. "ڊاڪٽر جين"، "مهاتما گانڌي" جي قتل جي سازش بابت جيڪو ڪجهہ مدن لال پاهوا کان ٻڌو هئو، اهو جيئن جو تيئن "مرار جي ڊيسائي" کي ٻڌايو. پوليس ان مهل ئي معاملو پنهنجي هٿ ۾ ڪئي نئين سر تحقيقات ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پاهوا جي ساٿين کي ڳولڻ ۾ جنبجي وئي.

هوڏانهن ڳاڊسي ۽ آپٽي 24 جنوري تي منجهند جو 12.40 منٽن تي هوائي جهاز وسيلي دهلي پهتا. انهيءَ ڏينهن ٽيهري جو هو ريل ۾ چڙهي "گواليار" لاءِ روانا ٿيا ۽ اتي رات جو 10.38 منٽن تي پهتا. ٻئي ڄڻا ٽانگي ۾ چڙهي "ڊاڪٽر دتاتريہ پارچوري" جي گهر پهتا ۽ رات اتي ترسيا.

سندن "گواليار" وڃڻ جو مقصد درست نشانو لڳائيندڙ پستول هئو. "گوئيل" نالي شخص وٽان ڪين اهو پستول ملي ويو. "گوئيل" "ڊاڪٽر دتاتريہ پارچوري" جي رضاڪار فورس جو ڪارڪن هئو. ڳاڊسي ۽ آپٽي دهلي موٽي آيا. هو 29 جنوري جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو دهلي پهتا ۽ پراڻي دهلي جي ريلوي اسٽيشن تي اڳواٽ ڪرائي تي حاصل ڪيل هڪ رٽائرنگ روم ۾ ٻئي ڏينهن صبح تائين ترسيل رهيا.

ان وچ ۾ "وشنو رام ڪرشن ڪارڪري" ريل ۾ 28 جنوري تي دهلي پهچي چڪو هئو ۽ اڳواٽ طئي ڪيل پروگرام هيٺ 29 تاريخ تي منجهند جو ٻارهين وڳي هو برلا مندر جي ڦاٽڪ تي گاڊسي ۽ آپٽي سان مليو گاڊسي کيس ٻڌايو تہ گواليار مان هڪ پستول حاصل ڪيو ويو آهي ۽ سندن منصوبي جي ڪاميابي لاءِ هر ڪم مڪمل آهي.

گاڊسي هڪ سنگدل مزاج انسان هئو. سڄو سازشي منصوبو هو اڪيلي سر مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو. پر هاڻي هن ڪجهہ سبب بيان ڪرڻ شروع ڪيا.

هن چيو تہ: ناراڻ آپٽي" جون ڪجهہ ذميواريون ۽ فرض آهن کيس هڪ ڌرم پتني ۽ ٻار آهي منهنجو ڪو بہ اهل عيال نہ آهي، ان ڪان سواءِ مان هڪ مقرر ۽ ليکڪ آهيان. مان پنهنجي ڪم کي حق بجانب ثابت ڪرڻ لاءِ حڪومت ۽ عدالت کي گانڌي جي موت بابت پنهنجي نيڪ نيتي جو يقين ڏياري سگهندس، ان جي ابتڙ آپٽي هڪ دنيادار ماڻهو آهي، هو ماڻهن سان رابطا پيدا ڪري هندو راشٽرا جو ڪم چڱي نموني ڪري سگهي ٿو. توهان جي اخبار جي انتظام ۾ سندس مدد ضرور ڪرڻ گهرجي."

ڪارڪري شام جي وقت سئنيما وڃڻ جي رٿ پيش ڪئي، پر گاڊسي اهو چوندي ان تجويز کي رد ڪري ڇڏيو تہ هو آرام ڪرڻ گهري ٿو. آپٽي ان تجويز جي حق ۾ دليل ڏيندي چيو تہ ٿورڙي تفريح سياڻي واري ڪم جو بار دل تان هلڪو ڪري ڇڏيندي ۽ تون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلڪو ٿي پوندين. پر گاڌسي پاسو ورائي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو. ان لاءِ آپٽي ۽ ڪارڪري ڪيس ڇڏي هليا ويا ۽ جيڪا پهرين سئنيما ڪين نظر آئي، ان ۾ گهڙي ويا ۽ ٽي ڪلاڪ تفريح ڪيائون.

20 جنوري جي صبح جو گاڌسي مطمئن ۽ پرسڪون ڏسڻ ۾ پئي آيو. پر هڪ ويجهو مشاهدو ڪندڙ سندس اندروني ڇڪتاڻ کي صاف نموني ڏسي ٿي سگهيو. پنهنجي ثابت قدمي سان هن پنهنجو پاڻ کي مڪمل طور تي قسمت جي حوالي ڪري ڇڏيو هئو. انهيءَ ڳالهه سندس دل ۾ هلچل مچائي رکي هئي.

30 جنوري جي صبح جو هو سيني ڪان اڳ ۾ اٿيو اشنان ڪيائين ۽ ڪپڙا پائي ڇڏيائين. آپٽي ۽ ڪارڪري اڃان تائين ستل هئا. پوءِ سيني گڏجي نيرن ڪئي ۽ ٽانگي تي چڙهي ٺئين دهلي روانا ٿيا. هڪڙي هنڌ ٽانگو روڪائي پنڌ ئي پنڌ هو هڪ گهاٽي جهنگ ڏانهن نڪري پيا. جتي هو پستول جي آزمائش ڪرڻ لڳا. گاڌسي پستول سان ٽي يا چار فائر ڪيا. جڏهن ته ڪارڪري هڪ وڏي ڇپ تي چڙهي پهرو ڏيڻ لڳو. گاڌسي پنهنجي هٿيار جي ڪارڪردگي مان مطمئن هئو. پوءِ ٽئي ڄڻا پراڻي دهلي موٽي آيا.

گاڌسي ٽيپهري جي وقت تمام گهٽ ڳالهايو. سندس چهري تي ثابت قدمي جا آثار ظاهر هئا، گاڌسي، ڪارڪري کي چيو ته: "ايندڙ دفعي تون مونکي نه ڏسندين" ايندڙ دفعي مان سندس ڇا مطلب هئو؟ اهو واضح نه ٿيو.

گاڌسي شام جو ساڍي ڇئين وڳي ٽانگي تي چڙهيو. هن پوئتي ڏٺو ۽ هٿ جي اشاري سان سنگت کي آخري سلام ورائي روانو ٿي ويو.

سندس وڃڻ جي چند منٽن کان پوءِ ڪارڪري ۽ آپٽي هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٺي ٽانگي ۾ ويهي سندس پويان "برلا هائوس" پهتا. "پرارٿنا سڀا" اڃان شروع نہ ٿي هئي، پر بہ سؤ کن ماڻهو مهاتما گانڌي جي اچڻ جي انتظار ۾ هئا.

گاڊسي ماڻهن ۾ وڏي بي پرواهي سان گهمي رهيو هئو. اوچتو ماڻهن ۾ هلچل مچي ۽ هر هڪ اٿي بيٺو تہ جيئن "مهاتما گانڌي" جي لاء رستو ٺاهي. "مهاتما گانڌي" ٻن ڇوڪرين جي ڪلهن تي هٿ رکي آهستي آهستي ايندي ڏسڻ ۾ آيو.

جيئن ئي "مهاتما گانڌي" ماڻهن جي سلام جو روايتي انداز ۾ جواب ڏيڻ لاء هٿ مٿي ڪنيا تہ گاڊسي تڪڙ ۾ اڳتي وڌيو ۽ جنهن ڇوڪري تي گانڌي جو سڄو هٿ هو ان کي هڪ پاسي ڌڪو ڏئي، مهاتما جي سامهون بيهي پستول جو سڌو نشانو ورتو ۽ کيس لڳاتار ٽي گوليون هڻي ڪيرايائين.

"مهاتما گانڌي"، "هئي رام" چوندي هيٺ ڪري پيو.

گاڊسي ڀڄڻ جي ڪا بہ ڪوشش نہ ڪئي، کيس پڪڙيو ويو. جيڪي ماڻهو سندس ويجهو هئا، اهي سندس پرزيون ڪرڻ لاء هجوم جي صورت ۾ مٿس ڪاهي پيا. پر هڪ پوليس آفيسر جيڪو اتي موجود هيو تنهن کيس ان هجوم مان نجات ڏياري ۽ ماڻهن جي ڪاوڙ کان بچائي پرتي وٺي ويو. •

ان کان پوء خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو. آپٽي ۽ ڪارڪري ماڻهن جي افراتفري ۾ شامل ٿي "برلا هائوس" کان ٻاهر نڪتا ۽ پراڻي دهلي جي ريلوي اسٽيشن تي پهچي بمبئي ڏانهن واپس هليا ويا.

هاڻ حالتون تڪڙي ڇرپر ڪري رهيون هيون. "ڊاڪٽر جين" اڳيان "پاهوا" جا ڪيل انڪشاف هاڻ هڪ گمراهہ ۽ وهمي نوجوان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اجائي گفتگو يا بڪواس سمجهي نہ پئي سگهجي. اهي انڪشاف نہ رڳو پاهوا جي انفرادي ارادي، بلڪہ هڪ تمام وڏي گهري منصوبي ڏانهن اشارو بہ ڪري رهيا هئا. جنهن ۾ هڪ يا ٻن کان وڌيڪ ماڻهو ملوث هئا. پوليس پاران جاچ جي رفتار تيز ڪئي وئي.

ان کان پوءِ تڪڙ ۾ لڳاتار گرفتاريون ڪيون ويون. "ڊگامبر باجي" جي گرفتاري 31 جنوري 1948عي تي عمل ۾ آئي. "گوپال گاڊسي" 5 فيبروري تي گرفتار ٿيو. "ڊاڪٽر دتاتريہ پارچوري" ساڳئي ڏينهن گواليار مان سندس گهر مان گرفتار ڪيو ويو. "شنڪر ڪسيتا" 6 فيبروري تي پڪڙجي ويو. جڏهن تہ "ناراڻ آپٽي" ۽ "وشنو ڪرشن ڪارڪري" 14 فيبروري تي گرفتار ٿيا.

ڏوهارين کان پڇا ڳاڇا ڪئي وئي ۽ انهن سيني جا ڊگها بيان لکيا ويا ان سان گڏوگڏ سوين ماڻهن تي جرح ڪئي وئي، نيٺ سازش جي سيني رخن جي تصوير ٺهي وئي، ڪيس جي پڌٽي دوران سازشين پاران ڪيل صفائي نهايت سڌي هئي.

گاڊسي مڃي ورتو تہ هن پنهنجي پستول سان "مهاتما گانڌي" تي فائر ڪري ڪيس مرٽينگ ڪري ڇڏيو هئو. پر هن سڄو ذمو پاڻ تي ڪنيو تہ اهو سندس انفرادي فعل هيو ۽ ان ۾ ڪنهن ٻئي جو هٿ نہ هيو ۽ نہ وري ڪنهن کي اها خبر هئي تہ هو اڳتي ڇا ڪرڻ وارو آهي. پر ڪيس اها ڳالهہ مڃڻ کان سواءِ بہ ڪو چارو نہ هئو تہ 17-جنوري تي هو پاڻ ۽ آپٽي جهاز وسيلي دهلي آيا هئا ۽ وري 27-جنوري تي ٻيهر دهلي آيا. وڌيڪ اهو تہ هو هر ڀيري مختلف نالن سان دهلي ايندا رهيا.

هن اهو بہ مڃيو تہ هو ۽ آپٽي 17- جنوري کان 20- جنوري تائين مرينا هوٽل، دهلي ۾ ترسيا هئا. هن ڊاڪٽر پارچوري سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گواليار ۾ پنهنجي مختلف ملاقاتن جو اعتراف به ڪيو ۽ اهو به چيو ته هن دهلي ريلوي اسٽيشن تي ڪمرو ڪرائي تي ورتو مهل اتي مقرر خدمت گار کي پنهنجا ڪوڙا نالا ٻڌايا هئا.

اهڙي طرح آپٽي به مڃيو ته هن پنهي موقعن تي گاڊسي سان دهلي ڏانهن سفر ڪيو ۽ پهرئين ڀيري ٻئي ڄڻا مرينا هوٽل ۾ ترسيا هئا. هن اهو به مڃيو ته گواليار وڃي ڊاڪٽر پارچوري سان ملاقات ڪئي هئائين. پر ان ڳالهه کان انڪار ڪيائين ته اتان هو گاڊسي سان دهلي ويو هئو. هن چيو ته هو گاڊسي کان جدا ٿي گواليار کان سڌو بمبئي واپس ويو هئو.

ڪارڪري 17- جنوري تي پاهوا سان گڏ دهلي اچڻ ۽ بي-اين-بياس جي فرضي نالن سان "شريف هوٽل" ۾ رهڻ جو اعتراف ڪيو. پر هن ٻيو دفعو دهلي اچڻ ۽ "مهاتما گانڌي" جي قتل واري ڏهاڙي دهلي ۾ موجود هجڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان سان گڏ انهيءَ سڄي بيان کيل سازش کان پوري اڻڄاڻائي جو اظهار پڻ ڪيو.

ٽرائيل ڪورٽ جي جج جڏهن شنڪر جو بيان ورتو ته هن پنهنجي مالڪ "ڊگامبر باجي" پاران پيش ڪيل گواهي جي وڏي حد تائين تائيد ڪندي اهو چيو ته هو رڳو پنهنجي مالڪ "باجي" جي حڪمن جي تعميل ڪري رهيو هئو. پر جڏهن سندس وڪيل عدالت ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو ته شنڪر پنهنجي اڳئين بيان تان ڦري ويو.

هاڻي هن هڪڙو بيان لکت ۾ ڏنو جنهن ۾ چيائين ته استغاثه پاران لڳايل الزامن جو اعتراف هن پوليس جي دٻاءَ هيٺ ڪيو هئو. صاف ڳالهه اها آهي ته جڏهن ڪيس ڪورٽ جي اڳيان پيش ڪيو ويو هئو ته پوليس پاران مٿس ڪنهن به قسم جو دٻاءُ نه وڌو ويو هئو. بعد ۾ سندس ڦري وڃڻ يقينن سندس ساٿي ڏوهارين جي چوڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو نتيجو ٿي پئي سگهيو.

گوپال گاڏسي سازش ۾ پنهنجي شرڪت کان سڌو سنئون انڪار ڪيو ۽ ان الزام کي به رد ڪيائين ته ڪو هو 18- جنوري تي دهلي ويو هئو ۽ 20- جنوري تي اتي موجود هئو.

"مدن لال پاهوا" پنهنجي صفائي ۾ اهو چيو ته شرنارٿين (پناهگيرن) سان جيڪو سلوڪ ڪيو ٿي ويو، جنهن جو ڪيس به تجربو هئو. ان جي خلاف پنهنجي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو اظهار ڪرڻ لاءِ هو دهلي ويو هئو. هن زور ڏيندي چيو ته مون بارودي ڪپهه وارو بم ايڏي محفوظ فاصلي کان اڇليو هئو ته جيئن ڪنهن کي به سندس عمل کان نقصان نه پهچي.

"ڊاڪٽر دتاتريه پارچوري" چيو ته گاڏسي ۽ آپٽي وٽس آيا هئا ۽ ڪيس چيائون ته دهلي ۾ پر امن مظاهرن لاءِ هو ڪجهه رضاڪار موڪلي، پر مون سندن خواهش پوري ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو هئو. هن ان ڳالهه کان به انڪار ڪيو ته ڪين پستول وٺرائي ڏنو هئائين.

اهڙي طرح ملزمن جي بچاءَ ۾ صفائي پاران پيش ڪيل موقف ان ڪان وڌيڪ نه هئو ته: "مهاتما گانڌي" کي قتل ڪرڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي سازش نه ڪئي وئي هئي. 20-جنوري وارو ڌماڪو ۽ "مهاتما گانڌي" کي گولي هڻڻ پاهوا ۽ نٿو رام گاڏسي جون انفرادي حرڪتون هيون ۽ انهن ٻنهي واقعن ۾ پڻ ڪو به رابطو / واسطو نه هيو."

"پر پنهنجي ان موقف جي حق ۾ ڪو به ثبوت صفائي پاران پيش نه ڪيو ويو ۽ اهي استغاثه پاران پيش ڪيل واقعن جي صداقت تي ان اصول کي سامهون رکندي مطمئن ٿي ويا ته صفائي جي جوابي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعويٰ يا تہ رد ٿي ويندي آهي يا وري منظور ۽ اهو بہ تہ هڪ ڪوڙي ڪيس کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي.

ڪيس جي شروعاتي ڪارروائي هلائيندڙ جج "ساورڪر" کي بري ڪري باقي ستن جوابدارن کي اهو چئي سزا ڏئي ڇڏي تہ سازش جو الزام سڀني جي خلاف ثابت ٿي چڪو آهي.

سازش جي سببن ۾ گڏيل ميل جول هڪ اهم جزو هوندو آهي انڪري اپيل ڪندڙن پاران اسان جي اڳيان پيش ٿيندڙ صفائي جي وڪيلن جي ڪوشش اها هئي تہ هو سازشين جي پاڻ ۾ رابطي وارين ڪڙين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي.

هنن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ 20 جنوري جي دل ڏاريندڙ واقعي جو ذميوار "مدن لال پاهوا" کان سواء ڪو ٻيو شخص نہ هئو ۽ اهو تہ "مهاتما گانڌي" جي قتل جو اڪيلو جوابدار "نٿو رام گاڊسي" هئو ۽ ٻين جوابدارن کي سندن نيت جو ڪو بہ پتو نہ هئو.

صفائي جي وڪيلن پاران اڪين ڏٺن شاهدن جي شاهدي کي ڀرپور اعتراضن جو نشانو بڻايو ويو، جن مختلف اپيل ڪندڙن کي مختلف موقعن تي گڏ ڏٺو هئو. انهن جي شاهدي جي ڪمزور حصن تي گهڻو زور ڏنو ويو ۽ ننڍي ننڍي ڳالهہ تي اعتراض کي ڪنيو ويو.

ڏکي ۽ تکائيندڙ جرح ڪري، ڪنهن بہ هوشيار وڪيل پاران انتهائي سچي گواهہ جي شاهدي مان تضاد ۽ اختلاف ظاهر ڪرڻ ڪا مشڪل ڳالهہ نہ هوندي آهي. اسان جوابدارن کي هر قسم جي شڪ جو پورو پورو فائدو ڏنو ۽ هر اهڙو ثبوت جنهن سان ڪو شڪ پيدا ٿي ٿيو يا جنهن جا واقعا فطري ۽ مناسب ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿي آيا اسان رد ڪري ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال طور استغاثہ پاران اهو بيان ڪيو ويو هئو تہ 20 جنوري تي "برلا هائوس" وڃڻ کان اڳ آپٽي پنهنجو ڪوٽ "مدن لال پاهوا" کي اڌارو ڏنو هئو ۽ ان سان ميچ ڪندڙ پاجامو پاڻ وٽ رکيو. ڏماڪي کان پوءِ جڏهن پاهوا کي پڪڙيو ويو تہ ڪيس اهو ڪوٽ پاتل هيو. آپٽي جي 14 فيبروري تي گرفتاريءَ کانپوءِ آپٽي جي گهر ۾ ان ۾ موجود شين جي مڪمل تلاشي ضرور ورتي وئي هوندي. اسان اهو تسليم نہ ڪيو تہ بعد ۾ برآمد ڪيل پاجامو ان ڳالھ جو ثبوت تي سگهي ٿو تہ 20 جنوري واري ڏماڪي کان اڳ آپٽي ۽ پاهوا ۾ سڌو سنئون ميل جول هئو.

اهڙي طرح اسان اها ڪهاڻي بہ قبول نہ ڪئي تہ "ڪارڪري ۽ "گاڊسي" ٻئي 20 جنوري جي رات دهلي جي هڪ هوٽل ۾ ترسيا هئا. ان سان گڏ اتفاقي شاهدن جي بيانن کي اسان اعتماد جوڳو نہ سمجهيو مثلن ٽيڪسي يا ٽانگن هلائڻ وارا، هوٽلن اڳيان ويهي بوٽ پالش ڪرڻ وارا، يا وري اهي جن جو هڪ ٻئي سان اتفاقي طور تي واسطو پيو انهن سڀني جي بيانن کي اسان انتهائي احتياط طور رد ڪري ڇڏيو.

پر انهن سمورين ڳالهين جي باوجود اهو سمجهڻ لاءِ ڪافي مواد موجود هئو تہ مهاتما گانڌي کي قتل ڪرڻ لاءِ سازش جو منصوبو جوڙيو ويو هئو ۽ "نٿورام گاڊسي" انهيءَ سازش جي گڏيل مقصد کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ عملي ڪم سر انجام ڏنو هئو.

اها حقيقت هئي تہ اهي سڀئي ماڻهو 20 جنوري کان اڳ دهلي پهچي چڪا هئا ۽ انهن مان ڪجھ فرضي نالن هيٺ هوٽلن ۾ ترسيا هئا. اها بہ حقيقت هئي تہ برلا هائوس ۾ هڪ کان سواءِ سڀني جوابدارن پنهنجي موجودگي جو اعتراف ڪيو هئو. اها بہ حقيقت هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ باجي ڪيترائي بم ڪٺي بمبئي ويو هئو، جيڪي اتان دهلي پهچايا ويا هئا. اها بہ حقيقت هئي تہ مقصد پورو ٿيڻ ڪان پوءِ سيئي سازشي دهلي مان تڪڙ ۾ ڇڙوڇڙ ٿي نڪتا هئا.

انهن سمورين حقيقتن ڪنهن شڪ جي گنجائش نہ ڇڏي تہ اهي سيئي هڪ ئي مقصد هيٺ دهلي ويا هئا ۽ دهلي ۾ هڪ ئي وقت سندن موجودگي رڳو اتفاقي ڳالهہ نہ هئي. 20 جنوري جي ڌماڪي کان پوءِ سندن وچ ۾ باهمي ميل جول جا ڪافي ثبوت هئا. مثال طور "ڪارڪري" جيڪو بمبئي ۾ هيو، 25 جنوري تي اتان آپٽي کي هڪ تار موڪلي. ان ٽيلگرام ۾ ڇڙو اهو نياپو هئو تہ: "ٻئي ڄڻا سنت دهلي پهچو."

ان تار تي جي-ايم-بياس جي صحيح هئي. انهيءَ ٽيليگرام وسيلي گاڊسي ۽ آپٽي کي بمبئي طلب ڪيو ويو هئو.

اسان ڊاڪٽر پارچوري ۽ شنڪر کي شڪ جو فائدو ڏنو ۽ انهن جي اپيل منظور ڪندي کين بري ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ باقي پنجن ڄڻن جي قيد ۽ موت جي سزا جي حڪم جي منظوري ڏئي ڇڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 4

# "نٿورام گاڊسي جو بيان ۽ موت جي سزا تي عمل"

گانڌي جي قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي اپيل جي خاص ڳالهه اها تقرير هئي، جيڪا "نٿورام گاڊسي" پنهنجي بيان ۾ اسانجي اڳيان ڪئي. بحث ڪندي هن ڪيترائي ڪلاڪ ڳالهايو. ڪاروائي جي شروعات ۾ آيل واقعا ۽ اهي سبب جن جي ڪري هن "مهاتما گانڌي" جو خون ڪيو، اهو سڀ ڪجهه هن بيان ڪيو. هن ساڳيو ئي طريقو اختيار ڪيو جيڪو هن ٽرائل ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ٿيڻ وقت پنهنجي ڊگهي تحريري بيان ۾ اختيار ڪيو هو. سندس بيان هيٺ ڏجي ٿو، جيڪو سندس خيالن ۽ روين تي ڪنهن قدر روشني وجهندو.

## "نٿورام گاڊسي جو هاءِ ڪورٽ ۾ ڏنل بيان"

مان (نٿورام گاڊسي) هڪ مذهبي خاندان ۾ پيدا ٿيس. فطري طور تي مان هندو ڌرم، هندو تاريخ ۽ هندو تهذيب جو عزت ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احترام ڪندو آيو آهيان. مجموعي طور مون کي هندو مذهب تي وڏو فخر آهي. جڏهن مان جوان ٿيس ته مون کي آزاد سوچ ۽ غور فڪر جي عادت پئي، مان هرنظرئي جي وهم واري پوئلڳي، سياسي يا مذهبي پنڌتن کان آزاد ٿي سوچڻ لڳس. اهوئي سبب آهي جو مون ڇوت ڇات، ذات پات ۽ پيدائش جي برتري خلاف وڏي سرگرمي سان ڪم ڪيو.

مان ذات پات جي خلاف تحريڪن ۾ اعلانيه شامل ٿيس ۽ ان بابت منهنجو اهو استدلال رهيو ته هندو ڀلي وڏي ذات جو هجي يا ننڍي (نيچ) ذات جو هجي، سندس حق هڪجهڙا ۽ هڪجيترا هجڻ گهرجن ۽ انهن سيني سان برابري وارو سلوڪ ٿيڻ گهرجي. هڪبئي تي سندن فضيلت رڳو وصفن ۽ ذاتي قابليت جي بنياد تي هجڻ گهرجي، انهن کي ان لاءِ وڏو نه سمجهڻ گهرجي ته انهن حادثاتي طور تي ڪنهن خاص ذات جي گهر ۾ جنم ورتو آهي يا ڏنڌي جي اعتبار کان وڏا آهن.

**"منهنجو اهو معمول رهيو ته مان ذات پات جي خلاف منظم ڪيل دعوتن ۾ باقاعدگي سان شريڪ ٿيندو هئس، جن ۾ هزارين هندو برهمڻ، کتري، وئيش، ڀنگي ۽ موچي شريڪ ٿيندا هئا ۽ ذات پات جون رسمون ٽوڙي گڏجي ماني کائيندا هئا."**

"مون دادا ڀائي نوروجي، سوامي وويڪانند، گوکلي ۽ بال گنگا ڌر تلڪ کي چڱي ريت سمجهيو آهي ۽ هندوستان جي قديم ۽ جديد تاريخ جو مطالعو به ڪيو آهي. اهڙي طرح دنيا جي ڪيترن ئي مشهور ملڪن مثلاً انگلينڊ، فرانس، آمريڪا ۽ روس وغيره تي لکيل ڪتابن جو مطالعو به ڪيو آهي. نه رڳو اهو بلڪ مون سوشلزم ۽ ڪميونزم جي عقيدن جو به چڱو خاصو مطالعو ڪيو آهي، پر سڀ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وڏيڪ اهو تہ "ويرِ ساورڪر" ۽ "گانڌي" جيترين بہ تقريرون ڪيون آهن انهن جو بہ مون چڱي ريت جائزو ورتو آهي. منهنجو ذهن منهنجي رهنمائي ائين ڪري ٿو تہ گذريل اڌ صدي دوران انهن ٻنهي شخصيتن جي نظرين، جديد هندوستان جي فڪر ۽ عمل کي گهڻو سنواريو آهي."

ان سڄي مطالعي ۽ غور و فڪر مونکي اهو يقين ۽ ايمان عطا ڪيو تہ منهنجو سڀ کان پهريون فرض اهو بڻجي ٿو تہ مان هڪ وطن پرست ۽ انسان دوست هجڻ جي ناتي سان بہ هندو مت ۽ هندو قوم جي خدمت ڪريان. اهو ان لاءِ تہ ٽيهہ ڪروڙ هندن جي آزادي جو يقين ۽ سندن منصفاڻن مفادن جي حفاظت، انساني نسل جي پنجين حصي جي آزادي ۽ ڀلائي جي ضمانت آهي.

انهيءَ ڪلي اطمينان ۽ ڪامل ايمان طبعي طور تي منهنجي ان پاسي رهنمائي ڪئي تہ مان پنهنجو پاڻ کي "هندو سنگهٽن" جي نئين نظرئي جي لاءِ وقف ڪريان. ان لاءِ تہ رڳو ۽ رڳو اهو نظريو منهنجي مادر وطن هندوستان جي قومي آزادي کي برقرار رکي سگهندو ۽ ان کي ان قابل بڻائيندو تہ اهو سڄي انساني نسل جي صحيح خدمت ڪري سگهي.

1946ع ۾ يا ان جي لڳ ڀڳ سهروردي پاران، "نواکالي" ۾ هندن تي جيڪي ظلم ڪيا ويا، انهن کي ڏسي اسان جو رت ٽهڪي اٿيو ۽ انوقت اسان جي ڪاوڙ ۽ نفرت انتها تي پهچي وئي، جڏهن اسان ڏٺو تہ گانڌي اڳتي وڌي انهي سهروردي جي حمايت ڪرڻ شروع ڪئي. ٻيو تہ ٺهيو پر پنهنجي "پرارٿنا سڀائن" ۾ بہ ڪيس "شهيد صاحب" ڪوٺڻ شروع ڪيائين يعني هڪ "شهادت حاصل ڪرڻ وارو روح".

گانڌي ان تي بہ بس نہ ڪئي بلڪہ اِجان بہ اڳتي وڌي ويندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالوني ۾ ٺهيل هندو مندر ۾ پنهنجون "پرارٿنا سڀائون" منعقد ڪري اتي جي هندو پوڄارين جي سخت احتجاج جي باوجود پرارٿنا سڀا جي هڪ حصي طور قرآن جون آيتون پڙهڻ شروع ڪيون.

پر ان سازشي گانڌي، مسلمانن جي مخالفت جي ڊپ کان ڪنهن مسجد ۾ وڃي گيتا پڙهڻ جي ڪڏهن بهجرئت نہ ڪئي، جاڪاڻ تہ ڪيس سڌ هئي تہ جيڪڏهن هن ائين ڪيو تہ مسلمانن جي پاران ان جو ڪهڙو رد عمل نڪرندو. پر هو تڏي طبيعت وارن هندن جي جذبن کي بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي، پيرن هيٺان لتاڙيندو رهيو.

سندس ان حڪمت عملي کي ختم ڪرڻ لاءِ مون ان ڳالهہ جو مضبوط ارادو ڪيو تہ گانڌي مٿان اهو ثابت ڪريان تہ جيڪڏهن هندو قوم جي بيعزتي ٿئي تہ اها بہ پنهنجي آپي کان نڪري سگهي ٿي.

ان کان سواءِ پوءِ پنجاب ۽ هندوستان جي ٻين حصن ۾ مسلمانن جي مذهبي جنون جو طوفان اٿلي پيو. ڪانگريسي حڪومت فورن انهن هندن کي ايذائڻ، انهن تي ڪيس هلائڻ ۽ پوءِ انهن کي گوليون هڻي مارڻ شروع ڪيو، جن بهار، ڪلڪتي، پنجاب ۽ ٻين علائقن ۾ مسلمان قوتن جو مقابلو ڪرڻ جي جرئت ڪئي تہ انهيءَ صورتحال اسان جي بدترين گمانن کي سچ ثابت ڪري ڏيکاريو.

ان کان بہ وڌيڪ تڪليف جي ۽ بدنامي واري صورتحال اها هئي جو 15 آگسٽ 1947ع جو ڏينهن، اسان ڏٺا پاري جشن وارو ماحول پيدا ڪري ملهايو. جڏهن تہ اهو ئي اهو وقت هئو، جڏهن مسلمانن سڄي پنجاب کي فسادن جي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو هئو ۽ هندن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو رت پنجن ئي دزياهن ۾ وهي رهيو هئو. "هندو مها سڀائين" منهنجي چوڻ تي ان جشن ۾ ڪانگريسي حڪومت جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو ۽ مسلمانن جي حملن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ جنگ جي پروگرام جي مهم جي شروعات ڪئي.

پنج ڪروڙ هندوستاني مسلمان هاڻي اسانجي ملڪ جا رهاڪو نہ رهيا آهن. اولهہ پاڪستان ۾ غير مسلم اقليت مان ڪجهہ ماڻهو تہ بيرحماڻي، موتمار طريقي سان قتل ڪيا ويا ۽ ڪجهہ ماڻهو صديون قديم ٺڪاڻن مان ڏک واري انداز ۾ ڏڪي ڪيڻ سان وجود وڃائي ويٺا آهن.

اهڙو ئي سفاڪ ۽ ظالماڻو رويو اوڀر پاڪستان ۾ شدت سان جاري آهي. ورهاڱي سبب يارنهن ڪروڙ انسانن کي پنهنجا گهر ڇڏڻا پيا آهن جن ۾ مسلمانن جوتعداد چاليهہ لکن کان وڌيڪ نہ آهي. جڏهن اهڙن خطرناڪ ۽ هانءُ ڏاريندڙ نتيجن کان پوءِ مهاتما گانڌي مسلمانن کي خوش رکڻ جي پاليسي جاري رکي تہ منهنجو رت ٽهڪي اٿيو ۽ مان انهن ڳالهين کي وڌيڪ برداشت نہ ڪري سگهيس.

مان نٿو چاهيان تہ ذاتي طور تي گانڌي جي لاءِ ڪي سخت لفظ استعمال ڪريان. پر مان "مهاتما گانڌي" سان پنهنجا انتهائي اختلاف سندس بنيادي اصولن ۽ طريقي ڪار سان پنهنجي نفرت کي لڪائڻ ڪو نہ ٿو گهران.

حقيقت ۾ "مهاتما گانڌي" پنهنجي پاليسي ۾ اڻين ڪامياب ٿي ويو. جيئن انگريز ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو جي پاليسين ۾ ڪامياب ٿيا هئا. "مهاتما گانڌي" هندوستان کي ورهائڻ ۾ انگريزن جي مدد ڪئي ۽ ظاهري طور تي تہ ملڪ آزاد ٿي ويو پر پوءِ بہ يقين ڪو نہ ٿو اچي تہ ڇا انگريزن جو راڄ واقعي ختم ٿي ويو آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا ڪاوڙ منهنجي اندر ۾ 32 سالن کان ګڏ ٿي رهي هئي اها ان وقت چوٽ تي پهچي وئي، جڏهن "مهاتما گانڌي" آخري دفعو مسلمانن جي حق ۾ بک هڙتال ڪئي. اها بک هڙتال پاڪستان کي، هندوستان کان 55 ڪروڙ روپيا ڏيارڻ لاءِ ڪيائين. انهيءَ ڳالهه منهنجي اندر ۾ آنڌ مانڌ مچائي ڇڏي ۽ مان ان نتيجي تي پهتس ته "مهاتما گانڌي" جي حياتي جو ڏيئو هاڻي جو هاڻي وسائي ڇڏڻ کپرجي.

"مهاتما گانڌي" جڏهن ٻاهران هندوستان واپس آيو ته پنهنجي دماغ کي خيالن جي دنيا جي حوالي ڪري ڇڏيائين، جنهن ۾ مناسب نامناسب فيصلي ڪرڻ جو آخري منصف به پاڻ ئي هو. جيڪڏهن ڪنهن کي سندس رهنمائي جي ضرورت هئي ته سندس انهيءَ حيثيت کي تسليم ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو نه هئو ته "مهاتما گانڌي" هر خطا ۽ غلطي کان مٿانهون ۽ آزاد آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي اها ڳالهه منظور نه هئي ته ان کي ڪانگريس کان جدا ٿي پنهنجي مرضي سان ڪم ڪرڻو پوندو هو.

"مهاتما گانڌي" جو اهو ئي انتهائي رويو هئو جنهن سبب ڪا به مصلحت نه پئي ٿي سگهي ۽ ڪو وچ وارو رستو به نه هئو. اهڙي صورتحال ۾ ڪانگريس کي يا ته پنهنجي مرضي تان هٿ کڻي "مهاتما گانڌي" اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻا پوندا هئا ۽ تنظيم کي ثانوي حيثيت ڏيڻي پوندي هئي، جنهن جو مطلب اهو هئو ته "مهاتما گانڌي" جي چيڙاڪ طبيعت، انڌاڌنڌ ۽ نظرياتي تضاد واري مزاج اڳيان ڪنڌ جهڪايو وڃي، يا وري ملڪ "مهاتما گانڌي" کان سواءِ ڪم ڪري.

"مهاتما گانڌي" اڪيلو ئي هر ماڻهو ۽ شيءِ تي حڪم هلائيندو هيو. پاڻ سول نافرمانيءَ جي تحريڪ جي قيادت ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارو واحد ذهين اڳواڻ هيو. ڪو به پيو شخص اها ٽيڪنڪ نه ڄاڻندو هيو. هو اڪيلي سر پاڻ خبر رکندو هيو ته ڪڏهن تحريڪ شروع ڪجي ۽ ڪڏهن سڏ واپس ورتجي."

"تحريڪ ناڪام ٿئي يا ڪامياب، پر اها پنهنجي جهول ۾ اڻگڻيون مصيبتون ۽ سياسي ناڪاميون ڇو نه کڻي اچي پر ان سان "مهاتما گانڌي" جي معصوم ۽ خطائن کان پاڪ حيثيت تي ڪوبه فرق نه پوندو هيو. "ڪو به ستيه گرهي ناڪام نه ٿو ٿي سگهي." اهو هيو سندس فارمولو. سندس حيثيت خطائن ۽ غلطين کان آزاد هئي ۽ سندس اها حيثيت برقرار به رهندي هئي."

"اها جدا ڳالهه هئي ته ڪنهن بئي ماڻهو جي سمجهه ۾ اها ڳالهه اچڻي ئي نه هئي ته اهو "ستيه گرهي" ڪير هيو جيڪو ناڪام نٿو ٿي سگهي. اهڙي طرح "مهاتما گانڌي" پاڻ ئي پنهنجي دعويٰ ۾ ججج ۽ وڪيل بڻجي ويو. سندس پاراٿين بي عقلين ۽ ضدين بحثن ۾ جڏهن سندس سخت راهباڻي زندگي به شامل ٿي وئي ته انهن سڀني عنصرن گڏجي "مهاتما گانڌي" کي غير معمولي طاقت وارو هڪ اهڙو انسان بڻائي ڇڏيو، جنهن جو مقابلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو هئو"

گهڻن ئي ماڻهن خيال ڪيو ته گانڌي جي سياست سراسر غير منطقي هئي پر اهي ماڻهو يا ته اڳتي هلي ڪانگريس کان جدا ٿي ويا، يا وري انهن پنهنجو سڄو علم ۽ ڏاهپ گانڌي جي قدمن ۾ رکي ته اهو جيئن چاهي انهن کي استعمال ڪري. اهڙي ڊڪٽيٽراڻي ۽ بي پرواهه حيثيت حاصل ٿيڻ تي گانڌي خطرناڪ غلطين مٿان غلطيون، ناڪامين تي ناڪاميون ۽ مصيبتون آڻيندو رهيو. سندس 33 سالن جي غلبي ۽ عروج واري زماني ۾ هڪ به سياسي فتح سندس کاتي ۾ نظر نه آئي. هو پنهنجي ڪنهن به سياسي فتح جي دعويٰ نٿو ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي.

"جيستائين گانڌي جو طريقو عمل ۾ ۽ پنهنجي عروج تي رهيو، ملڪ کي ناڪامي، بدنامي ۽ مايوسي کان سواءِ ڪجهه نه مليو. هن پنهنجي سڄي حياتي ۾ نروار ٿيندڙ، هر پرجوش انقلابي تحريڪ جي مخالفت ڪئي. ڪا به انقلابي تحريڪ انفرادي طور تي هجي يا گروهي طور تي گانڌي ان جي سخت مخالفت ڪندو رهيو. ان سان گڏ هن چرخي، عدم تشدد ۽ پنهنجي خلوص جو ڪوڙو ڍنڍورو ڏئي تشهير پڻ ڪئي."

"چرخو" گانڌي جي 34 سالن جي بهترين ڪوشش جو نتيجو هئو. چرخي رڳو اهو ثابت ڪيو ته ملڪ کي مشيني صنعت سان ئي گهرج آهر ڪپڙو فراهم ڪري سگهجي ٿو ۽ مشيني صنعت کي جيترو ڦهلايو وڃي، اوترو گهٽ هوندو ۽ ڦهلاءَ جي ضرورت باقي رهندي. جڏهن ته چرخي جي استعمال سان ملڪ جي هڪ سيڪڙو ماڻهن جي لاءِ به ڪپڙو تيار نٿو ڪري سگهجي."

"جيستائين سندس عدم تشدد ۽ اهنسا جو لاڳاپو آهي ته اها هڪ نهايت بيڪار ۽ ٺڳڪو ڳالهه هئي اها توقع رکڻ ئي غلط هئي ته ملڪ جا چاليهه ڪروڙ ماڻهو پنهنجي زندگي ۾ ايترو نظم ۽ ضبط پيدا ڪندا ۽ پنهنجي ذهنن کي ايڏي مٿانهين سطح تي وٺي ويندا جو سماج مان تشدد جو خاتمو اچي ويندو. گانڌي جي انهيءَ نظرئي جو حشر 1942ع وارن فسادن ۾ چٽي ريت پڌرو ٿي ويو هئو."

"باقي جيستائين سندس خلوص ۽ سچائي جو تعلق آهي ان بابت مان نٿي ڄاڻي ڳالهه اها ڪندس ته هڪ وچولي درجي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويندس ۽ اها واحد شيء جيڪا مون کي ماڻهن وٽان ملندي، نفرت
کان سواءِ ڪجهه نه هوندي ۽ مونکي پنهنجي عزت، وقار ۽ ساک به
وڃائي پوندي جيڪا منهنجي جان کان به وڌيڪ قيمتي آهي، پر ان
سان گڏ مون اهو به محسوس ڪيو ته گانڌي جي غير موجودگي ۾
هندوستان جي سياست وڌيڪ مضبوط ٿي ويندي، جنهن ۾ اسين سڌو
جواب ڏيڻ لائق ٿي ويندا سين ۽ هٿيار بند فوجن سان اسان طاقتور ٿي
ويندا سين. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته ائين ڪرڻ سان منهنجو
مستقبل ختم ٿي ويندو، پر منهنجي قوم پاڪستان جي هٿ چراند
کان محفوظ ٿي ويندي. ائين ممڪن آ ته ماڻهو فوري طور تي رڙيون
۽ دانهون ڪن، مون کي بي عقل ۽ بيوقوف جو خطاب ڏين پر
منهنجي قوم سڌي رستي تي هلڻ لاءِ آزاد هوندي."

ان مسئلي تي چڱي ريت سوچ ويچار کان پوءِ مون ان معاملي
بابت آخري فيصلو ڪري ورتو. پر ان باري ۾ ڪنهن سان ڪو به
ذڪر نه ڪيو. مون پنهنجي پنهي پاڻهن ۾ جرئت پيدا ڪئي ۽ 30
جنوري 1948ع تي برلا هائوس ۾ پرارٿنا ميدان ۾ گانڌي کي
گوليون هنيون.

"مان ڪورٽ ۾ جيڪو ڪجهه چئي چڪو آهيان ان کان پوءِ
منهنجي چوڻ لاءِ ڪجهه به نه بچيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن انسان
پنهنج ملڪ سان پرجوش عشق گناهه جي برابر آهي، ته مان مڃان ٿو
ته مون اهو گناهه ڪيو آهي، جيڪڏهن اها ڳالهه تعريف جوڳي آهي
ته مان عاجزيءَ سان انهيءَ فضيلت جي دعوي ڪريان ٿو."

"مان پوري اعتماد سان ان ڳالهه تي يقين ٿو رکان ته هن
جهان جي ڪورٽ کي فاني انسانن جوڙيو آهي، جيڪڏهن هن جي
مٿان ڪا انصاف جي ڪورٽ آهي ته اها منهنجي هن عمل کي
انصاف پريو قرار ڏيندي باقي موت کان پوءِ جيڪڏهن ڪا انصاف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري جاءِ نہ آهي تہ پوءِ ڪجھہ بہ نٿو چئي سگھجي. مون جنهن عمل جو سهارو ورتو آهي اهو مان نج انساني نسل جي فائدي لاءِ ڪيو آهي. مان چوان ٿو تہ مون گوليون ان انسان کي هنيون، جنهن جو غلط عمل ۽ سياسي بيوقوفي، لکين هندن جي لاءِ تباهي، بربادي ۽ غربت جو سبب بڻي."

"ممڪن آهي تہ هيءَ ملڪ جيڪو هندوستان جي نالي سان مشهور آهي، پيهر متحد ٿي هڪ ٿي وڃي ۽ پڳوان ڪندو تہ سندس رهاڪو اها هارايل ذهنيت ڇڏي ڏين جيڪا کين غلامي ۽ اطاعت تي مجبور ڪري ٿي ۽ پڳوان کان منهنجي اها ئي التجا آهي ۽ منهنجي حياتي جي آخري خواهش پڻ."

"منهن جو اعتقاد منهنجي عمل جي اخلاقي پهلو بابت ڪڏهن بہ لڏيو ۽ لميو نہ آهي، جيتوڻيڪ ان تي چئني پاسن کان نڪتہ چيني ۽ باهوڙ ڪئي وئي آهي. مون کي ان باري ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ مستقبل جا ديانت دار مؤرخ منهن جي فعل جي اهميت جو اندازو لڳائي ان جو اصل قدر ۽ ملھہ ڄاڻي وٺندا." (نٿورام گاڊسي)

# "ڦاهيءَ تي عمل"

"نٿورام گاڊسي"، آپتي ۽ ڪارڪري سان ڳالهائڻ وقت ڪنهن مهل اها دعوي ڪئي هئي تہ هن لکيت ۽ پبلڪ جلسن ۾ تقرير ڪرڻ جي فن ۾ سٺي مهارت ۽ ڪمال حاصل ڪري ورتو آهي. انڪري ڪيس جي ٻڌڻي ۽ پوءِ وري اپيل جي ٻڌڻي دوران هن پنهنجي فن جي مٿانهين تي پهتل قابليت مان ڀرپور فائدو ورتو.

اهي دليل جيڪي هن جج جي اڳيان ٽرائل ڪورٽ ۾ پيش ڪيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. اهي ڳي هن اپيل جي پڙهڻي دوران اسان جي اڳيان پيش ڪيا ۽ چند اهڙن نڪتن جو واڌارو به ڪيائين جيڪي سندس ذهن ۾ اڳي ڪو نه آيا هئا. پر سندس تقرير جو سڀ کان اهم موضوع هڪ سچي انسان جي فرضن ۽ سندس مذهب جي چوڌاري ڦرندو رهيو، اهو بلڪل هندو مت جي پاڪ ڪتابن جي سمجهاڻين مطابق هئو. هن پنهنجي تقرير ۾ اهم تاريخي واقعن جا حوالا موثر نموني سان ڏنا ۽ هندن جي جذبن پڙڪائڻ واري اپيل پڻ ڪئي، جن ۾ ڪين چيائين ته اهي پنهنجي ملڪ تي مضبوط قبضو قائم رکڻ لاءِ پنهنجي جان جي بازي لڳائيندا رهن.

"نٿو رام گاڊسي" پنهنجو بيان "ڀڳوت گيتا" جي اشلوڪن تي ختم ڪيو. هن اهي اشلوڪ نهايت جذباتي انداز ۾ پڙهيا. ان وقت ڪورٽ ۾ موجود ماڻهن جو اندر ۽ ٻاهر چٽي نموني نظر اچي رهيو هئو. صاف معلوم پئي ٿيو ته عوام جا همدردي وارا جذبا ايري آيا آهن ۽ اهي سندس تقرير مان گهڻو متاثر ٿي چڪا آهن.

هن جڏهن تقرير ختم ڪئي ته عدالت جي ڪمري ۾ ماٺار ڇانئجي وئي. بيشمار عورتن جي اکين مان ڳوڙها ڪري رهيا هئا ۽ مرد کنگهندي، ڳوڙهن اگهڻ لاءِ کيسن ۾ پنهنجا رومال ڳولي رهيا هئا. اها ماٺ ايحان به شدت اختيار ڪري پئي وئي، جڏهن انهيءَ ماٺار ۾ ڪنهن ماڻهو جي سڏڪي يا زور سان کنيل ٿڌي ساهه جو سوسٽ ٻڌڻ ۾ پئي آيو. انوقت مون کي ائين ٿي محسوس ٿيو ته جڻ ما ڪنهن جذباتي ڊرامي يا "هالي ووڊ" جي ڪنهن فيچر فلم جي سين ۾ حصو وٺي رهيو آهيان.

گاڊسي پنهنجي ان تقرير ۾ جڏهن اهڙيون ڳالهيون ڪيون جيڪي اصل نڪتن کان هٽيل هيون ته مان کيس وچ ۾ ٽوڪي چڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيس. ائين به ٽي دفعا ٿيو پر ائين محسوس ٿيو ته منهنجا ساٿي جج سنڌس اڻ لاڳاپيل ڳالهيون ڪهري ڏيان سان ٻڌڻ چاهين پيا. ان ڪان سواءِ عدالتي ڪارروائي ٻڌندڙن جا چهرا به ٻڌائي رهيا هئا ته سندن خيال ۾ هن ڪيس جي ڪاروائي جو سڀ ڪان اهم حصو رڳو "نٿورام گاڊسي" جي تقرير هئي.

صحيح ڳالهه اها آهي ته عمل ۽ ردعمل. ان معاملي ۾ مون ڪي حد ڪان وڌيڪ بااصول ٿيڻ ڪان روڪي ڇڏيو. پيو اهو ته مون پنهنجي دل ۾ گاڊسي بابت اهو خيال ڪيو ته هي خدا جو بندو ستت ئي موت جي هنج ۾ ليٽڻ وارو آهي. ان ڪان سواءِ هي هاڻي ڪنهن به قسم جي نقصان پهچائڻ جي حد ڪان گذري چڪو آهي ان لاءِ ڪيس آخري وقت ۾ هيانوَ جي باهه ڪڍڻ جي موڪل ڏيڻ گهرجي.

بهرحال ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته جيڪڏهن گاڊسي جي تقرير وقت ڪورٽ ۾ موجود ماڻهن کي "جيوري" جي حيثيت ڏيئي اپيل جو فيصلو انهن مٿان ڇڏيو وڃي ها ته اها جيوري وڏي زبردست گهڻائي سان "نٿورام گاڊسي" جي بيگناهه هجڻ جو فيصلو ڪري ها.

انهيءَ ڏکئي عدالتي سفر جو آخري مرحلو سينٽرل جيل "انباله" تي پورو ٿئي ٿو. هاڻي اسان انباله جيل پهچون ٿا. جتي "نٿورام گاڊسي ۽ نارائڻ آپٽي" کي 15 نومبر 1949ع جي صبح جو ڦاهي ڏني وئي ۽ ائين هندوستان جي عظيم شخصيت جي قتل جي ڊرامي جو ڊراپ سين ٿيو.

ڪيسن جي ٻڌڻي جي پڄاڻي تي ملزمن کي جن کي هاڻي مجرم ٿي چڪو ويندو، سينٽرل جيل "انباله" ۾ بند ڪيو ويو هئو ته جيئن اهي پنهنجي پيش ڪيل اپيل جي فيصلي جو انتظار ڪن. جيل ۾ آپٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهبراهٽ جي نِنڊڙي علامت به ظاهر نه ٿي رهي هئي، هو وڏي اورچائي ۽ ثابت قدمي سان هلي رهيو هو. سندس ڪلها پوئتي تاڻيل هئا ۽ ڪنڌ مٿي هو. قد ۾ هو گاڊسي کان ڪيترائي انچ ڊگهو هئو ۽ هلڻ وقت متس حاوي ڏسڻ ۾ پئي آيو.

سندس چهري تي هڪ خاص قسم جو تاثر ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ پئي آيو. اهو تاثر سندس سرڪشي يا ڏوهه جي "معقوليت" جي عڪاسي نه ڪري رهيو هو، بلڪ مقصد جي حاصل ٿيڻ تي اطمينان جي شعوري علامت هو. هو ڪيس ۽ اپيل جي سڄي ڪاروائي ڪني شروعات کان وٺي پڇاڙي تائين وڏي لطف سان ڏسندو رهيو هيو. هن چڱي طرح سمجهيو پئي ته انهيءَ ڪيس سڄي ملڪ ۾ ڌوم مچائي بيحد جوش خروش پيدا ڪيو آهي.

"بعد ۾ پڌو ويو ته گاڊسي جو معاملو آپٽي کان مختلف رهيو. گاڊسي جيل ۾ پنهنجا آخري ڏينهن وڏي پشيماني ۾ گذاريا. هو پنهنجي عمل تي شرمندو هيو. هن اهو ظاهر ڪيو ته جيڪڏهن ڪيس جيئرو رهڻ جو هڪ موقعو ڏنو وڃي ها ته پنهنجي باقي بچيل حياتي امن امان جي سر بلنديءَ ۽ پنهنجي ملڪ جي خدمت ۾ گذاري ها."

سندس ابتڙ آپٽي پنهنجن آخري پساهن تائين پنهنجو سنگدلاڻو رويو برقرار رکيو. پنهنجي پڇاڙي تي پهچڻ تائين هن نه رڳو ڏوهه مڃڻ کان انڪار ڪيو بلڪ پنهنجي بيگناهي جو سبب هڪ شڪست ڪاڏل فرد جي لهجي ۾ بيان نه ڪيائين. "ڀڳوت گيتا" جي مطالعي ۽ فلسفي تي مقالو لکڻ سان جيڪو تجربو ڪيس حاصل ٿيو شايد ان سان ڪيس احتجاج يا دعا جي بي اثري بابت سبق مليو هجي. يا وري ائين هجي ته سندس طبيعت خوشي ۽ ڏک کان مٿانهين هئي پر موت جي حوالي ٿيڻ وقت هن ڦاهي جو ڳٽ پنهنجي ڳچي ۾ وجهڻ لاءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن خود اعتمادي ۽ بهادري جو مظاهرو ڪيو ان مان اٿين تي معلوم ٿيو تہ سندس ويجهو سندس فرض جي ادائگي جو اهو اجورو هئو جيڪو ڪيس ڦاهي جي صورت ۾ ڏنو پئي ويو. هو انهيءَ اجوري مان مطمئن ۽ خوش هئو.

ٻنهي ڄڻن کي ٽنگڻ لاءِ هڪ ئي تختو تيار ڪيو ويو. ٻہ رسا هڪبئي جي پرسان لوهہ جي هڪ سيخ ۾ ٻڌا ويا هئا جن ۾ ڦاهي جا جدا ڳٽ لڳل هئا. گاڊسي ۽ آپٽي کي هڪ خاص ترتيب سان پرسان بيهاريو ويو، ڪاري ڪپڙي جا ڳوٿرا سندس منهن تي چاڙهي ڪنڌ ۾ چڪي ٻڌا ويا.

ڦاهي جي رسن کي ڳچي ۾ ٻڌي چڪي سک ڪرڻ بعد جلاد ليور ڇڪيو ۽ ڦاهي عمل ۾ اچي وئي. آپٽي فورن ئي مري ويو، سندس بيوس وجود آهستي آهستي اڳتي پوئتي لڏندو رهيو پر گاڊسي بيهوش ۽ بي حس هيو. سندس جسم ڦٿڪي ڦٿڪي وٽ ڪائيندو رهيو، سندس ٽنگن ۾ لڳاتار ڏڪڻي حياتي جي علامت ظاهر ڪري رهي هئي. سندس وجود ۾ ڇڪتاڻ جو لاهہ چاڙهہ پورن پندرهن منٽن تائين جاري رهيو.

سندن ارٿيون جيل ۾ ئي ساڙيون ويون. سندن ڪل ۽ مٽي هٿ ڪري "گهاگهرا" درياهہ ۾ ڪنهن لڪل هنڌ تي وهايا ويا، جڏهن تہ سندن ارٿيون چتا تي چاڙهڻ واري هنڌ تي هر ڪاهرايو ويو.

● ● ●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌي ستن سالن جي عمر ۾



گانڌي لنڊن ۾ قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ وقت

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com



گانڌي لنڊن ۾ (۱۹۰۹ع ڌاري)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌي (١٩١٥ع ڌاري)



گانڌي جي گھرواري، ڪستور بائي (١٩١٥ع ڌاري)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌي جو والد ڪرم چند گانڌي



گانڌي جي امڙ پتلي بائي گانڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌي جي گھرواري پٽن ۽ ڀائٽي سان گڏ (١٨٩٨ع ڌاري)



گانڌي سترهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي ڀاءُ لڪشمي داس سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌي ۽ سباش چندر بوس (١٩٣٨)



گانڌي جواهر لال نهرو سان گڏ (١٩٣٨ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌي ۽ قائد اعظم محمد علي جناح مرڪندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌي جي چتا سڙندي (٣١ جنوري ١٩٤٨ع)



گانڌي جوهانسبرگ ۾ پنهنجي آفيس ۾ (١٩٠٧ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌي مشهور يورپي دانشور ۽ اديب رومين رولان سان سوئيزرلينڊ (١٩٣١ع)



گانڌي ۽ لارڊ پيٿڪ لارينس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌي لنڪا شائر مل جي مزدورن سان گڏ (۱۹۳۱ع)



گانڌي لارڊ ۽ ليڊي مائونٽ بيٽن سان گڏ

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com



گانڌي مشهور اداڪار چارلي چيپلين سان گڏ (١٩٣١ع)



گانڌي گول ميز ڪانفرنس ۾ (لنڊن ١٩٣١ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌي سروجني نائيڊو سان گڏ (٥ اپريل ١٩٣٠)



گانڌي ۽ سروجني نائيڊو بادشاهه جارج پنجين سان ملاقات لاءِ ويندي (١٩٣١)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌيءَ جو آخري سفر

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com



گانڌي جو آخري ديدار



گانڌي جو قاتل نٿو رام گاڊسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گانڌي وائسراءِ سان ملڻ لاءِ ويندي (شملو ١٩٢٥ع)

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

# مهاتما گانڌي جو قتل

جسٽس جي.ڊي کوسلا/خالد چانڊيو

دنيا جي عظيم شخصيت
مهاتما گانڌي جي قتل جي سازش ۽ قتل ڪيس بابت
هڪ جج جون يادگيريون جنهن ۾ ڪيترن ئي رازن تان
پردو ڪنيو ويو آهي. مهاتما گانڌي جي قتل بابت
سنڌي ٻولي ۾ پهريون ڪتاب.

---

# آخري ٽرين جي انتظار ۾ (فيچر ۽ مضمون)

نثار کوکر

عنوان جي اعتبار کان ناول محسوس ٿيندڙ،
هي ڪتاب جاکوڙي صحافي،
نثار کوکر،
جي مختلف اخباري فيچر ۽ مضمونن، جو مجموعو آهي،
جنهن ۾ موجود آهن، احساسن کي ڇهندڙ جذبا،
وڏيرڪي ڪوٽن ۾ قيد، آهون ۽ دانهون،
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين، ڪيٽي کان ڪشمور تائين،
سنڌ جا مختلف جلوا ۽ رنگ ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ
پڙهو
نثار کوکر جو هيءُ ڪتاب "آخري ٽرين جي انتظار ۾" .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مريم ميگدلاني

## وحشي محمود آبادي/رمنور سولنگي

هڪ عورت جي ڪهاڻي،
جيڪا،
جسم فروش هئي،
جنهن جي لاءِ،
يسوع مسيح،
مشهور قول چيو،
”گناهگار کي پهريون پٿر اهو هڻي جنهن پاڻ گناهه نه ڪيو هجي“!!
جنهن عورت کي حضرت عيسيٰ جي،
صحابياڻي،
هجڻ جو شرف حاصل ٿيو.
سنڌي جي سمورن بوڪ اسٽالن تي موجود آهي.

---

# پيار جي چانوَ ۾

## ايوب گاد

شاعر جا احسا، پيار جي چانوَ، نوجوان دلين کي گرمائيندڙ شاعري
سنڌي شاعري ۾ نوان تجربا ۽ نيون تشبيهون!!
ايوب گاد جيڪو،
مصور، ڊرامه نگار ۽ فوٽوگرافر پڻ آهي.
پنهنجي شاعري ۾ نوان رنگ وکيري ٿو!..!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پيغمبرن جي انقلابي جدوجهد (سيريز)

سنڌيڪار: عبدالله شجاع سنڌي

موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي جو،
مقبول سلسلو،
سمورن نبين جي،
جدوجهد، حياتي ۽ تاريخ،
کي،
سلسليوار ڪتابن جي صورت ۾،
پيش ڪيو پيو وڃي.
جنهن جو پهريون نمبر ڪتاب،
مارڪيٽ ۾ موجود آهي،
جڏهن ته پنج ڪتاب ڇپائي هيٺ آهن.

---

## ”لاڙڪاڻو: ماضي ۽ حال (تاريخ)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

سنڌي ڌرتي جو اهم حصو،
سنڌي جي ثقافت ۽ تهذيب جو رکوال،
لاڙڪاڻو ضلعو.
لاڙڪاڻي جي ماضي ۽ حال تي مشهور دانشور ۽ اديب
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو ڪتاب، جنهن
لاڙڪاڻي جي جاگرافي ۽ تاريخ، آثار قديم ۽ ادب، تهذيب
ثقافت ۽ ان ڪان سواءِ بيو به گهڻو ڪجهه موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com